Follow us on: daily pak karachi

ABC CERTIFIED

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان

روزاني

پاڪ

ڪراچي

website:www.dailypak.net

TM-Reg:465078

جلد: 27 سومر 10 مارچ 2025ع بمطابق 09 رمضان المبارڪ 1446ھ قيمت 20 رپيا شمارو: 116

اينڊڙ اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جو فيصلو ناهي ڪيو، حڪمرانن کي صوبن جا حق تسليم ڪرڻا پوندا: جونيئر ذوالفقار

پاڻي رڳو پنجاب ۽ سنڌ جو مسئلو نه آهي، هاڻي پنجاب جا ماڻهو به آواز اٿاري رهيا آهن ڇاڪاڻ جو پنجاب ۾ به زمينن تي قبضا ٿي رهيا آهن

ڪارپوريٽ فارمنگ جو اصل مقصد حڪمرانن لاءِ پرافٽ ڪمائڻ لاءِ آهي هي منصوبو غريب عوام کي ڪارائتو ناهي، شهيد ڀُٽي جي پيغام کي اڳتي وڌائڻ چاهيان ٿو

منهنجي ڀيڻ فاطمہ ڀٽو ۽ منهنجي والده منهنجي مدد ڪري رهيا آهن ۽ آئون پنهنجي ڀيڻ ڪانسواءِ ڪجه به ناهيان، اليڪشن وڙهڻ لاءِ مشاورت ناهي ڪئي: ٺٽي ۾ ڳالهيون

ٺٽو/گهارو(رپورٽ رمضان ميمڻ / سليمان جوکيو) جونيئر ذوالفقار علي ڀٽي چيو آهي ته 26هين آئيني ترميم ڪانپوءِ هنن حڪمرانن فيصلو ڪيو آهي ته آئين ۽ قانون کي عزت ناهي ڏيڻي صوبن جا پاڻي ۽ ٻين وسيلن تي حق به تسليم/ڏسو صفحو 3 بقايا 32

ٺٽو: جونيئر ذوالفقار پارٽي اڳواڻ لکمير پالاري جي پيءُ جي وفات تي تعزيت ڪرڻ کان پوءِ صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

جماعت اسلامي سينيٽر مشتاق احمد جو وڏو ڀاءُ قتل

صوابي ۾ شڪيل احمد گهرڀاتين پاڙيسري هٿان قتل ٿيو

واقعي جو ڪيس داخل، قاتل مبينا نشي جو عادي آهي: ڊي پي او

پشاور: (م ر) جماعت اسلامي خيبرپختونخواهه/ڏسو صفحو 3 بقايا 31

بدين ۾ سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف شاگردن ۽ نوجوانن جو ٽنهڻ اس ۽ روزي ۾ پيادل مارچ، ڪئنال نامنظور، سنڌ دشمن رٿا واپس ورتي وڃي جا نعرا

تڪراري ڪئنالن خلاف سنڌ سراپا احتجاج، ڪيترن ئي شهرن ۾ مظاهرا ۽ ريليون

ڪراچي ۾ لا ڊپارٽمينٽ جي شاگردن ۽ سول سوسائٽي، مٽياري ۾ ڪيو اي ٽي، بدين ۾ شاگرد توڙي نوجوان، ماتلي ۾ استاد، قلمڪار، اديب روڊن تي نڪري آيا

قاضي احمد ۾ شهري، راڻيپور ۾ وڪيل ۽ سجاڳ ڌريون، خانواهڻ ۾ جسقم، ڳيريلي ۾ قومي عوامي تحريڪ جو احتجاج ، جي يو آءِ سکر لانگ مارچ جو اعلان ڪيو

لاڙڪاڻي ۾ فنڪارن، شڪارپور، دادو، سيوهڻ ۾ سياسي سماجي تنظيمن احتجاج ڪيو،اڳواڻن پاران ڪئنالن جي اڏاوت جو فيصلو واپس وٺڻ تي رستا بند ڪرڻ جو چتاءُ

ڪراچي (نمائندن وٽان) سنڌو ندي مان ڇهه نوان ڪئنالن ڪڍڻ ڪارپوريٽ فارمنگ جي خلاف سڄي سنڌ ۾ مختلف سياسي سماجي تنظيمن پاران احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. ڪراچي ۾ ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران سنڌو درياهه مٿان 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ خلاف ضيا الدين لا ڊپارٽمينٽ جي شاگردن جي سڏ تي وڪيلن، سول سوسائٽي جي ماڻهن طرفان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مٽياري ۾ ڀڻ سڄاڳ/ڏسو صفحو 3 بقايا 30

لاڙڪاڻو: آرٽ ڪائونسل پاران درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ تڪراري ڪئنالن خلاف فنڪار به روڊن تي اچي ويا، احتجاجي ريلي

ڏات ڌڻي، فنڪار، اداڪار ۽ اديب رستن تي اچي ويا، سنڌ درياهه کي راڳ سان شاندار پيٽا پيش

سنڌو تي زبردستي ڪئنال اڏڻ سان سنڌ ۽ سنڌي قوم جي وجود کي وڏو خطرو آهي: اڳواڻ

اسان کي سنجيدگيءَ سان سوچڻو پوندو ته هي صرف فنڪارن يا اديبن جو مسئلو ناهي : خطاب

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي ڏات ڌڻين فنڪارن، اداڪارن ۽ اديبن طرفان سنڌو درياهه مان زبردستي 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ واري عمل خلاف آرٽس ڪائونسل کان ريلي ڪڍي وئي /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

پورٽ قاسم زمين اسڪينڊل: وزيراعظم جاچ لاءِ ٽه رڪني ڪميٽي جوڙي ڇڏي

چيئرمين وزيراعظم انسپيڪشن ڪميشن ڪميٽي جي جا ڪنوينر مقرر ڪري ڇڏيا

ڊائريڪٽر آءِ بي سراج الدين امجد ۽ ڊائريڪٽر ايف آءِ اي سيد شاهد حسين جاچ ڪميٽي جو حصو هوندا

فيصل واوڊا پورٽ قاسم اٿارٽي جي قيمتي زمين کي موجوده حڪومت جي دور ۾ ڀڳڙن مٺ وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف ڪيو هو

اسلام آباد:(م ر) وزيراعظم شهباز شريف پورٽ قاسم اٿارٽي جي قيمتي زمين جي اسڪينڊل جي جاچ لاءِ 3 رڪني انڪوائري ڪميٽي جوڙي ڇڏي. سينيٽر فيصل واوڊا طرفان پورٽ قاسم اٿارٽي جي قيمتي زمين جي موجوده /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

سنڌ حڪومت جي سنڌ سولر انرجي پراجيڪٽ تحت نوشهروفيروز جي ماڻهن ۾ سولر هوم سسٽم ورهائڻ واري تقريب

پ پ ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ نه ڏنو هاڻي ڪئنال ڪڍڻ به نه ڏيندي: ضياءِ الحسن لنجار

عوامي حقن تي وفاقي حڪومت سان ڪا به سوديبازي نه ٿيندي، پنهنجا حق نه ڇڏينداسين: گهرو وزير

پهرين مرحلي ۾ سڄي سنڌ ۾ هڪ لک خاندانن کي سولر پينل فراهم ڪيا پيا وڃن: تقريب کي خطاب

نوشهروفيروز (رپورٽ: عطا حسين سمون) سنڌ حڪومت جي سنڌ سولر انرجي پراجيڪٽ تحت نوشهروفيروز جي ماڻهن کي سولر هوم /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

DISTRIBUTION OF SOLAR HOME SYSTEM (SHS)
UNDER SINDH SOLAR ENERGY
DISTRICT NAUSHAHRO

نوشهروفيروز: گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ۽ ٻيا اڳواڻ تقريب ۾ شريڪ آهن

ٽرانسپورٽ کاتي سنڌ پيپلز بس سروس جي وقتن ۾ واڌ ڪري ڇڏي

15 رمضان کان بس سروس رات 1:00 وڳي تائين جاري رهندي: شرجيل انعام ميمڻ

واڌ جو لاڳو آر ون، آر ٽو، آر 3، آر 4، آر 9، آر 10، ۽ اي وي ون روٽس تي ٿيندو

ڪراچيءَ جا ڪيترائي شهري پبلڪ ٽرانسپورٽ تي ڀاڙي رهيا آهن: سينيئر صوبائي وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ٽرانسپورٽ کاتي، حڪومت سنڌ رمضان المبارڪ دوران پيپلز بس سروس جي وقتن ۾ واڌ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ موجب 15 رمضان کان بس سروس رات 1:00 وڳي تائين جاري رهندي هن چيو ته هن واڌ جو لاڳو آر ون، آر ٽو آر 3، آر 4، آر 9، آر 10، ۽ اي وي ون روٽس تي ٿيندو ته جيئن شهرين کي وڌ کان وڌ سفري سهولتون فراهم ڪري سگهجن شرجيل انعام ميمڻ چيو ته حڪومت/ڏسو صفحو 3 بقايا 33

قاضي احمد ۾ مختلف ڌرين جي سنڌوءَ ندي تي ڪئنالن جي اڏاوت خلاف ريلي

ممتاز علي جتوئي، غلام حيدر ٻالادي، ذوالفقار خاصخيلي، عبدالرحمان اوٺو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا

سنڌو دريا اسان جو جياپو آهي جنهن تي ڪا به سوديبازي قبول نه ڪئي ويندي: ممتاز علي

سرسبز سنڌ کي برباد ڪري اوهان کي پنجاب آباد ڪرڻ نه ڏينداسين: ذوالفقار خاصخيلي /عبدالرحمان اوٺو

قاضي احمد(رپورٽ غلام حسين راهو) قاضي احمد تعلقه پريس ڪلب قاضي احمد پاران 6 ڪينالن خلاف احتجاجي ريلي صدر راجا ساجد علي انڙ جي اڳواڻي ۾ ڪڍي وئي جنهن ۾ تعلقا پريس ڪلب جي صحافين ممتاز علي /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جو اجلاس، ذوالفقار ڀٽو جي ورسي انتظامن جو جائزو ورتو ويو

ذوالفقار ڀُٽي جمهوريت کي بحال ڪري ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻايو: سعيد غني

هن ملڪ کي اهڙو آئين به ڏنو، جيڪو ملڪ ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين نه ٿي سگهيو آهي: صوبائي وزير

ذوالفقار ڀٽو جي ورسي 4 مارچ تي ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ ملهائي ويندي، پ پ قيادت پڻ خطاب ڪندي

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراهه) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي جي صدر سعيد غني چيو آهي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي 4 اپريل تي ڳڙهي خدا بخش لاڙڪاڻي ۾ وڏي عقيدت /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقہ حنفيہ)

افطاري: بروز سومر	6 لڳي 39 منٽ
سحري: بروز اڱارو	5 لڳي 28 منٽ

رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقہ جعفريہ)

افطاري: بروز اڱارو	6 لڳي 49 منٽ
سحري: بروز اربع	5 لڳي 18 منٽ

PAK Digital Media

اي ٽي ضلعي ٺٽي جو اجلاس، ڪئنالن خلاف ريليون ڪڍڻ جو فيصلو

رزاق چانڊيو جي صدارت ۾ اجلاس، مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

21 مارچ ور شهر، 26 جنگشاهي، 23 تي ساڪري ۾ ريليون ڪڍيون وينديون

ٺٽو(رمضان ميمڻ) عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جو اجلاس/ڏسو صفحو 3 بقايا 29

آصف زرداري اڄ پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندو

اجلاس منجهند 3 وڳي ٿيندو، صدر حڪومتي ڪارڪردگي بيان ڪندو

عسڪري قيادت، چئن صوبن جا وڏا وزير ۽ گورنر ٻيا پڻ شريڪ ٿيندا

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) صدر آصف علي زرداري /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ جي گورنر هائوس ۾ افطار پارٽي ۾ شرڪت

رمضان المبارڪ ۾ حد کان وڌيڪ عبادت ڪئي وڃي: ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ

ذاڪر نائيڪ جي گورنر هائوس پهچڻ تي ڪامران ٽيسوري ۽ ٻين آجيان ڪئي

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراهه) گورنر هائوس ۾ 7هين افطار//ڏسو صفحو 3 بقايا 27

قومي عوامي تحريڪ پاڪستان
Badin Press Club News Coverage
NO MORE CANALS ON INDUS RIVER
صحافي اتحاد زنده باد
ڪئنال سمورا نامنظور
سنڌو درياءَ تان غير قانوني ڪئنال نامنظور
منياڻي پريس ڪلب
احتجاج
ڌاڙو نا منظور ڪئنا
پريس ڪلب راڻي

ڪنڌڪوٽ، شڪارپور، راڻيپور، خان واهڻ، منياڻي، قاضي احمد، دادو، بدين، ڳيريلو، مٽياري ۽ ٻين مختلف شهرن ۾ سياسي سماجي ۽ قومپرست ڌرين پاران درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاجي مظاهرا ڪيا پيا وڃن

دادو ۾ جسقم پاران ڪئنال اڏڻ خلاف مارچ، ڌرڻو، گاڏين جون قطارون

دادو(ڊ ر) دادو ۾ جسقم پاران سنڌو درياهه تي 6 نوان ڪئنال اڏڻ خلاف منصور جمالي، نياز چنو عبدالرحمان شاهه ۽ ٻين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽/ڏسو صفحو 3 بقايا 17

انڊيا چيمپيئنز ٽرافي جو تاج پنهنجي نالي ڪري ورتو

دبئي (م ر)ڀارت نيوزيلينڊ کي هارائي آءِ سي سي چيمپئنز ٽرافي 2025 جو فاتح بڻجي ويو دبئي ۾ ٿيل آءِ سي سي چمپينز ٽرافي جي فائنل ۾ نيوزيلينڊ پهرين ٽاس کٽي بيٽنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڪيويز مقرر پنجاهه اوورن ۾ ستن وڪيٽن جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 41

جي ايم مهر ميڊيڪل ڪاليج ۾ 50 بسترن تي مشتمل ٽراما اينڊ ايمرجنسي سينٽر قائم

ٽراما سينٽر جو قيام طبي سهولتن حوالي سان اهم اڳڀرائي آهي: خورشيد شاهه

جديد ۽ معياري طبي سهولتن کي هر طبقي تائين پهچايو وڃي، علائقي واسين کي فائدو ٿيندو

هي سينٽر هزارين مريضن لاءِ زندگيءَ جي نئين اميد بڻجي ويندو: پ پ اڳواڻ جون ڳالهيون

سکر(رپورٽ:شڪيل عاجز)سکرغلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج (GMMMC) اسپتال سکر ۾ جديد ترين شهيد محترمه بينظير ڀٽو/ڏسو صفحو 3 بقايا 36

سکر: جي ايم مهر ڪاليج ۾ ٽراما سينٽر جي منتقلي حوالي سان ڌرين ۾ معاهدو ٿي رهيو آهي

ڪرونڊي لڳ موٽرسائيڪل کي گاڏي جو ٽڪر، سوار فوت

حادثو مهراڻ نيشنل هاءِ وي تي پيش آيو، افتخار گوندل زخمي ٿيو

زخمي کي نوابشاهه نيو ويو،اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنائين

پرياروڊ(راشد ملڪ) ڪرونڊي لڳ موٽر سائيڪل کي نا معلوم گاڏي جو ٽڪر موٽر سائيڪل سوار فوت مهراڻ نيشنل هاءِ وي هيسباڻي گيٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا 37

بدين ۾ شاگردن ۽ نوجوانن جو ڪئنالن خلاف ٽنهڻ اس ۾ پيادل مارچ

الله والا چوڪ کان پيادل مارچ شروع ٿيو جيڪو شاهنواز چوڪ کان ٿيندو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهري جي شڪل اختيار ڪري ويو

سنڌو درياهه اسانجو پالڻهار آهي جنهن خلاف سدائين سازشون ڪيون ويون آهن: مشتاق جمالي

ڪينال سنڌي قوم کي ڪنهن به صورت ۾ منظور نه آهن رت جي آخري ڦڙي لاءِ جنگ جوٽي ويندي

بدين (ٻر) سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف شاگردن ۽ نوجوان جو ٽنهڻ اس ۽ روزي ۾ پيادل /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

عوامي جمهوري پارٽي جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻي، مرڪزي اليڪشن 11 مئي تي ڪرائڻ جو فيصلو

ڪئنالن خلاف جدوجهد تيز ڪرڻ جو اعلان، پيڪا ايڪٽ ۽ 26هين آئيني ترميم رد

اجلاس جي صدارت خادم ٽالپر ڪئي، مرڪزي سيڪريٽري لال شاهه سميت ٻين عهديدارن جي شرڪت

وڪيلن جي ڪئنالن ۽ ڪرپٽ انتظاميا خلاف جدوجهد جي مڪمل حمايت ڪيون ٿا: عهديدار

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراهه) عوامي جمهوري پارٽي ڪئنالن خلاف جدوجهد تيز ڪرڻ جو اعلان ڪندي پارٽي جي مرڪزي اليڪشن 11/ڏسو صفحو 3 بقايا 39

SEHWAN PRESS CLUB

سيوهڻ: سماجي اڳواڻ منظور احمد جمالي، امام علي ڏيٿو صحافين سان ڳالهائي رهيا آهن

تعلقي سيوهڻ جي سماجي اڳواڻن پاران ڪئنال ڪڍڻ خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان

سنڌو درياءَ تي ڌاڙو هڻڻ جي اجازت نه ڏينداسين: منظور احمد

16 مارچ تي ريلي ڪڍي ويندي، سياسي سماجي ڌرين کي شرڪت جي دعوت

سيوهڻ (ن پاڪ) تعلقي سيوهڻ جي سماجي اڳواڻن سوشلسٽ امام علي ڏيٿو هاري اڳواڻ منظور احمد جمالي، پ ٽ الف اڳواڻ ڪمال الدين /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

پي ايم عملي جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن: نويد انٿوني

هميشه پيرا ميڊيڪل عملي جي مسئلن کي ترجيح ڏني آهي

عملي جون ڪاوشون ڪنهن کان لڪيل ناهن: نثار کهڙو ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراهه) ڊپٽي اسپيڪر نويد انٿوني چيو آهي ته پيپلز پيرا ميڊيڪل عملي جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. پيرا ميڊيڪل/ڏسو صفحو 3 بقايا 26

ڳيريلي ۾ ڪيو اي ٽي جو نوان ڪئنال اڏڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

زرداري ڪئنال ڪڍڻ جي پيپرن تي نه پر سنڌ جي موت جي پرواني تي صحي ڪئي

هميشه سنڌ دشمن قوتن سنڌ خلاف فيصلا پيپلز پارٽي کان ئي ڪرايا آهن: سهيل ابڙو

ڳيريلو (ن پاڪ) ڳيريلي ۾ قومي عوامي تحريڪ پاران سنڌو درياهه مان غيرقانوني ڪئنال ڪڍڻ واري عمل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

ڏهرڪي: سنڌ حڪومت ترجمان سکديو آسرداس منصوبي جو افتتاح ڪرڻ کان پوءِ صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

خانواهڻ ۾ جسقم جي ڪئنالن خلاف ريلي، نعريبازي

ڪارڪنن نثار عباسي، صدام منگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي

ڪئنال اڏيا ويا ته سنڌ بنجر بڻجي ويندي، رٿا واپس ورتي وڃي: نثار عباسي

خانواهڻ (رپورٽ وقار لوچي) سنڌو درياهه تي ڇهه ڪئنال اڏڻ جي رٿا خلاف خانواهڻ ۾ جسقم طرفان شاهه لطيف ڪالوني مان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي،/ڏسو صفحو 3 بقايا 24

ڪڙيو گهنور لڳ نوجوان زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

ڳوٺ ارجڻ ڪولهي ۾ نيتراج گهرو اٽڪٽ تان ڦاهو ڪاڌو

نوجوان جو مڙهه تعلقي اسپتال مان ڪارروائي بعد وارثن حوالي

بدين(ٻر) ڪڙيو گهنور لڳ شادي شده نوجوان ڦاهو ڪائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو تفصيل ڪڙيو گهنور پرسان ڳوٺ ارجڻ ڪولهي ۾ شادي شده نوجوان 30 ورهين جي نيتراج /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

منياڻي جي قلم ڌڻين پاران درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاجي ريلي

ريلي ۾ ايس يو پي، ڪيو اي ٽي، ايس ٽي پي سميت ٻين سياسي سماجي ڌرين جي شرڪت

ريلي مين ڪان بازار کان ٿيندي جي ايم سيد چوڪ پهتي، سنڌ دشمن نامنظور جي نعريبازي ٿي

جيستائين هي منصوبو رد نه ٿو ڪيو وڃي تيستائين هي احتجاج جاري رهندو: اڳواڻن جو خطاب

منياڻي (فدا حسين شيخ) سنڌو درياءَ مان وفاقي حڪومت پاران 6 ڪئنال ڪڍڻ واري عمل خلاف منياڻي پريس ڪلب پاران اعلانيل احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي نوشهروفيروز وين اسٽاپ کان ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي/ڏسو صفحو 3 بقايا 18

پ پ عورتن جي خودمختياري تي يقين رکي ٿي: سنڌ سرڪار جو ترجمان

غربت گهٽائڻ واري پروگرام تحت عورتن کي هنري سکيا، بغير وياج جي قرض فراهم ڪرڻ سميت گهر تعمير ڪرايا پيا وڃن

پارٽي منشور روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان تحت پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پيپلز پوورٽي ريڊڪشن پروگرام شروع ڪيو

ڳوٺ عظيم ميٽڪ کي ڇوڪرين لاءِ اسڪول ۽ صحت مرڪز ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسين ،جلد ڪين سولر لائٽون فراهم ڪبيون: سکديو آسرداس هيمناڻي

ڏهرڪي/ گهوٽڪي/سکر (نمائندن وٽان) سنڌ حڪومت جي ترجمان سکديو آسرداس هيمناڻي چيو/ڏسو صفحو 3 بقايا 19

”ڪئنال نه کپن“ ڪنڌڪوٽ ۾ سياسي سماجي تنظيمون ۽ سول سوسائٽي روڊن تي

ريلي ۾ شريڪ ماڻهن پاران سنڌو تي ڌاڙو نامنظور، پاڻي خاطر جهيڙو جا اپ ڏاريندڙ نعرا

سنڌي عوام ڪڏهن به ڪينال قبول نه ڪندو، پاڻي خاطر مرڻ ۽ مارائڻ لاءِ سنڌ جي عوام تيار آهي:اڪرم باجڪاڻي

سنڌ دشمن رٿائن خلاف سڄي سنڌ سراپا احتجاج آهي، پر حڪمرانن جي ڪن تي جونءِ به نٿي سُري: دلمراد ڏاهاڻي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) سڄي سنڌ جيان ڪنڌڪوٽ ۾ سنڌو درياءِ مان 6/ڏسو صفحو 3 بقايا 20

ڪوسن ۽ مگسين ۾ هلندڙ زميني تڪرار جو نبيرو، ڌرين تي 3 ڪروڙ 49 لک 50 هزار رپيا ڏنڊ

نبيرو سردار حاڪم خان نوحاڻي جي سرپنچي ۾ شادي هال ۾ ٿيو،مگسي ڌر تي 2 قتل ۽ ٽن زخمين جا ٻه ڪروڙ 52 لک ڏنڊ

ڪوسا ڌر تي هڪ قتل ۽ عورت سميت ٽن زخمين ۽ 2 موٽر سائيڪل گم ڪرڻ تي 97 لک 50 هزار ڏنڊ وڌو ويو

برڪت ڪوسي جي خون بابت مگسي ڌر ساک ڏئي آجي، اڳتي هلي مگسين تي خون ثابت ٿيو ته مٿن ڊبل ڏنڊ پوندو

ميهڙ(رپورٽ: عظيم جانوري) ميهڙ پرسان ڳوٺ قاسم مگسي ۽ پنجابي جا پاڙ ۾ ڪوسا ـ مگسي ڌرين ۾ پاڻي ۽ زرعي زمين تان 9 سالن کان هلندڙ /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

صوبائي گهرو وزير دريا خان مري جي پبلڪ پارڪ پهتو، شاندار آجيان

دريا خان مري (رپورٽر)دريا خان مري ۾ صوبائي گهرو وزير ۽ قانون جي صوبائي وزير ضياء الحسن لنجار جو پبلڪ پارڪ دريا خان مري پهچڻ تي/ڏسو صفحو 3 بقايا 22

ميهڙ: ڪوسن ۽ مگسين ۾ هلندڙ زميني تڪرار جو نبيرو ٿي رهيو آهي

سنڌ جي مظلوم ۽ محكوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
كراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيكيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ كراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر كراچي-فون نمبر: 3_35655872_021 فيكس نمبر: 021_35655874
سكر آفيس: روزاني پاڪ سكر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سكر
نيوز موكلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

سومر 10 مارچ 2025ع بمطابق 09 رمضان المبارڪ 1446هه

نوان كئنال نامنظور، سنڌ سراپا احتجاج

سنڌو ندي مان ڇهه نوان كئنال كڍڻ كارپوريٽ فارمنگ جي خلاف سڄي سنڌ ۾ مختلف سياسي سماجي تنظيمن پاران احتجاجي مظاهرا كيا ويا. كراچي ۾ كراچي پريس كلب ٻاهران سنڌو درياهه مٿان 6 نوان كئنال كڍڻ خلاف ضيا الدين لا ڊپارٽمينٽ جي شاگردن جي سڏ تي وكيلن، سول سوسائٽي جي ماڻهن طرفان احتجاجي مظاهرو كيو ويو. متياري ۾ پڻ سڄاڳ بار تحريڪ (كيو اي ٽي) پاران سنڌو درياهه مان 6 كئنال كڍڻ ۽ كارپوريٽ فارمنگ خلاف الهڏنو ساند اسٽاپ كان سڄاڳ بار تحريڪ ضلع متياري جي صدر جاڳير حسين ملاح، فواد ملاح، احسن كوسو ياسر ملاح، متقين ملاح، حسيب ڏنگراج جي اڳواڻي ۾ پيادل مارچ كري پريس كلب تي ڌرڻو هنيو بدين ۾ به سنڌو درياهه مان كئنال كڍڻ خلاف شاگردن ۽ نوجوانن جو ٽهڪندڙ اس ۽ روزي ۾ پيادل مارچ كيو ماتلي ۾ سٽي پريس كلب ماتلي طرفان احتجاجي ريلي كڍي وئي قاضي احمد ۾ به تعلقه پريس كلب قاضي احمد پاران 6 كينالن خلاف احتجاجي ريلي صدر راجا ساجد علي اٽڙ جي اڳواڻي ۾ كڍي وئي مٽياري ۾ سنڌو درياءَ مان وفاقي حكومت پاران 6 كئنال كڍڻ واري عمل خلاف مٽياري پريس كلب پاران اعلانيل احتجاجي ريلي كڍي وئي رانيپور ۾ قومپرست پارٽين، سياسي سماجي، وكيل ۽ صحافين پاران ٽول پلازا رانيپور كان هزارين ماڻهن جي ريلي كڍي خانواهڻ ۾ به پڻ سنڌو درياهه تي ڇهه كئنال اڏڻ جي رٿا خلاف خانواهڻ ۾ جسقم طرفان شاهه لطيف كالوني مان احتجاجي ريلي كڍي وئي. ريلي ۾ قومي عوامي تحريڪ پاران سنڌو درياهه مان غيرقانوني كئنال كڍڻ واري عمل خلاف احتجاجي مظاهرو كري شهر جو گشت كرڻ بعد پريس كلب پهتا. سنڌ حكومت ۽ وفاقي حكومت خلاف سخت نعريبازي كئي وئي. جي يو آءِ سكر پاران سنڌو درياهه تي كينالن جي غير قانوني تعمير خلاف لانگ مارچ جو اعلان كيو ويو شكارپور ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ ضلع شكارپور طرفان سنڌو تي ٺهندڙ 6 كئنالن جي اڏاوت خلاف لكي غلام شاهه مين سير شكارپور روڊ تي احتجاجي كئمپ قائم كئي وئي كنڊكوٽ ۾ به سڄي سنڌ جيان كنڊكوٽ ۾ سنڌو درياءَ مان 6 كينال كڍڻ واري عمل خلاف كنڊكوٽ پريس كلب جي سڏ تي مختلف سياسي سماجي ۽ سول سوسائٽي پاران هٿن ۾ پلي كارڊ كڻي پريس كلب آڏو احتجاجي مظاهرو كيو. دادو ۾ پڻ جسقم پاران سنڌو درياهه تي 6 نوان كئنال اڏڻ خلاف منصور جمالي، نياز چنو عبدالرحمٰن شاهه ۽ ٻين هٿن ۾ پلي كارڊ ۽ پارٽي جهنڊا كڻي احتجاجي مارچ كري دادو مورو روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا. سيوهڻ ۾ سماجي اڳواڻن پاران سنڌو تي ٺهندڙ 6 تكراري كئنال كڍڻ خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان. سڄي سنڌ جيئان لاڙكاڻي ۾ ڏات ڌڻين فنكارن، اداكارن، ۽ اديبن طرفان سنڌو درياهه مان زبردستي 6 نوان كئنال كڍڻ واري عمل خلاف آرٽس كائونسل كان ريلي كڍي وئي جيكا شهر جي مختلف روڊ رستن تان ٿيندي پريس كلب پهتي احتجاجي ريلين ۽ احتجاجي مظاهرن توڙي مارچ كي خطاب كندي اڳواڻن چيو ته چولستان سميت 6 نوان كئنال سنڌ لاءِ زهر قاتل آهن. سنڌو درياهه سنڌ جو جياپو آهي نوان كئنال ٺهڻ سان سنڌ مكمل سوكهڙي جو شكار ٿي ويندي پنجاب پاڻي جي مسئلي تي سنڌ سان هميشه ڌاڌ مڙسي ۽ ويسا گهاتي كندو رهيو آهي. اڳواڻن چيو ته كڏهن سنڌو درياهه جو سودو، كڏهن ٻيٽن جو سودو، كڏهن بندرگاهن جو سودو، كراچي، كوهستان، ساحلي پٽي ليند مافيا حوالي كئي وئي آهي. گريٽر ٿل كئنال ۽ ٻيا ڏاڍيل واهه تعمير كرائي پيپلز پارٽي ۽ زرداري مافيا سنڌو درياهه سكائڻ چاهين ٿا. تيل، گئس، كوئلو هجڻ باوجود سنڌ جا ماڻهو بكون كاٽڻ تي مجبور آهن. زرخيز زمينون ڀڙپانگ ٿي ويون آهن. اڳواڻن چيو ته كرپٽ، چور ۽ نااهل حكمرانن كي سمجهڻ گهرجي ته انڊس رور سسٽم ۾ ملڪ جي ضرورت جيترو پاڻي ناهي، جنهنكري كو به كئنال ملڪ ۽ سنڌ جي مفاد ۾ ناهي. سنڌ كي پنهنجي حصي جو پاڻي نٿو ڏنو وڃي، جيكڏهن كئنال ٺهي ويا ته سنڌ تباهه ٿي ويندي وفاقي حكومت هوش كان كم وٺي سنڌي ماڻهن كي ديوار سان نه لڳايو وڃي. وفاقي حكومت سمجهي ٿي ته پيپلز پارٽي كي كرپشن جي اجازت ڏئي اهي سنڌو درياهه، سنڌ جو پاڻي، وسيلا كڻي ويندا. حكمران سمجهن ٿا ته سنڌي ماڻهو خاموش رهندا ته اها انهن جي ڀل آهي. سنڌي ماڻهو پنهنجي حقن ۽ وسيلن لاءِ اٿندا ته حكمرانن جا رستا بند ٿي ويندا

حيدرآباد بار جي وكيلن نئين تاريخ رقم كري ورتي

عبدالوهاب منشي

سنڌ جي هزارين وكيل سنڌ جي راڄڌاني كراچي ۾ پهچي سنڌ جي بقاءَ جو نعرو هڻي تاريخ رقم كئي. حيدرآباد كان كراچي تائين تاريخي مارچ كري، حيدرآباد ڊسٽركٽ بار ايسوسيئيشن جي وكيلن پوري پاكستان ۾ نئين تاريخ رقم كئي آهي. جيكڏهن مان هن كاميابي جو سهرو حيدرآباد جي نوجوان وكيلن جي نالي كريان ته اهو بلكل صحيح ٿيندو. حيدرآباد جي ايس ايس پي ڊاكٽر فرخ لنجار جو بدلي يقيناً وكيلن لاءِ كو وڏو مسئلو نه هو پر سنڌ حكومت جڏهن گذريل هڪ مهيني كان وكيلن جي احتجاجي تحريك كي نظرانداز كندي رهي ته هي معاملو وڌيڪ سنگين ٿي ويو. شروعاتي ڏينهن ۾ وكيلن ايس ايس پي فرخ لنجار جي بدتميزي ۽ تكبر خلاف پرامن احتجاج كيو. جنهن جو صرف هڪ ئي مطالبو هو ته ان ايس ايڇ او جي بدلي كيو وڃي، جنهن هڪ وكيل تي كوڙي ۽ بي بنياد ايف آءِ آر داخل كئي هئي. احتجاج كان لانگ مارچ تائين. جڏهن ايس ايس پي فرخ لنجار، سنڌ حكومت جي غرور ۽ سركاري حمايت جي كري وكيلن سان ٽكرائڻ لڳو ته هن رڳو وكيلن جي بي عزتي نه كئي، پر معاملي كي ايترو ته پيچيده بڻائي ڇڏيو جو وكيلن وٽ احتجاج لاءِ سپر هاءِ وي بلاك كرڻ كان سواءِ كو ٻيو رستو نه رهيو. پر باوجود ان جي باشعور وكيلن عوام جي تكليفن كي نظر ۾ ركندي شاهراهون بند كرڻ كان پاسو كيو. وكيلن كي مسلسل دلاسا ڏنا ويا ته "ايس ايس پي جي بدلي جلد ٿيندي" پر حقيقت ۾ كو به قدم نه كنيو ويو. جڏهن 17 فيبروري تي حيدرآباد ڊسٽركٽ بار ايسوسيئيشن جي چونڊن كان پوءِ ايس ايس پي فرخ لنجار كي هڪ ڊرامائي انداز ۾ ٻيهر آفيس ۾ بحال كيو ويو ته ان وكيلن جي جذبات كي وڌيڪ ڀڙكايو. ان جي باوجود، وكيلن صبر ۽ تحمل جو مظاهرو كيو وكيلن جو تاريخي فيصلو. جڏهن وكيلن ڏٺو ته سندن مطالبا مسلسل نظرانداز ٿي رهيا آهن ته حيدرآباد ڊسٽركٽ بار ايسوسيئيشن فيصلو كيو ته هڪ تاريخي "وكيل كنوينشن" كوٺايو وڃي. جنهن ۾ سموري سنڌ جي وكيل برادري كي گڏ كيو وڃي. جڏهن هن كنوينشن دوران نوجوان وكيلن پنهنجي قيادت كان وڌيڪ مضبوط قدم كڻڻ جو مطالبو كيو ته فيصلو ٿيو ته هي تحريڪ رڳو ايس ايس پي جي بدلي تائين محدود نه رهندي، پر سنڌ جي دشمن منصوبن خلاف به جدوجهد كئي ويندي. لانگ مارچ جو اعلان. وكيلن گڏيل طور فيصلو كيو ته ايس ايس پي فرخ لنجار جي بدلي جو مطالبو كنداسين. 26هين آئيني ترميم خلاف آواز اٿارينداسين. سنڌو درياهه تي ٺهندڙ 6 كئنالن جي سخت مخالفت كنداسين. وزيراعليٰ سنڌ جي گهر اڳيان احتجاج كنداسين. سنڌ حكومت ۽ آءِ جي سنڌ پوليس محسوس كيو ته هي تحريڪ هاڻي قومي مسئلن تي تبديل ٿي سگهي ٿي، جيكو مراد علي شاهه جي حكومت ۽ ضياءَ لنجار جي وزارت لاءِ وڏو چئلينج بڻجي سگهي ٿو. آخركار نوجوان وكيلن جي جذبي كي ڏسندي، سنڌ حكومت پوئتي هٽي ۽ 7 مارچ تي زوريءَ نوجوان وكيلن جي دٻاءَ ۾، ايس ايس پي حيدرآباد جو بدلو كيو ويو 8 مارچ تاريخي لانگ مارچ هو. وكيلن جو چوڻ هو ته هي تحريڪ رڳو هٽي ختم نه ٿيندي. تنهن كري هزارين نوجوان وكيلن فيصلو كيو ته سنڌو درياهه جي حفاظت لاءِ 8 مارچ تي لانگ مارچ كيو ويندو. كراچي ۾ شاندار آجيان كيو ويو. سنڌ جي هر ضلعي، هر تعلقي جي بار اڳواڻن ٽوڙي هزارين وكيلن. گاڏين جا وڏا قافلا وٺي، روزي جي حالت ۾ سخت گرميءَ ۾ جڏهن كراچي پهتا ته سنڌ جي تاريخ جو هڪ نئون باب لکي ورتو. كراچي بار جي وكيلن ۽ عام شهرين سندن شاندار آجيان كئي، چئني طرفن كان گل نڇاور كيا ويا ۽ نوجوانن كي سنڌي اجركن جا تحفا ڏنا ويا. هي منظر يقيناً تاريخي هو وكيلن جو اهم پيغام هن لانگ مارچ جو مقصد سنڌو درياهه كي بچائڻ هو ۽ دنيا كي پيغام ڏيڻ ته: سنڌو درياءَ تي وڌيڪ كئنال ٺاهڻ بند كيا وڃن. درياهه ۾ سمنڊري وهكرو بحال كيو وڃي. كينال نكرڻ سبب سنڌو درياهه ۾ واري اڏامي رهي آهي، جيكو زراعت لاءِ خطرناڪ آهي. سمنڊري پاڻي اندر اچڻ سبب سنڌ جون زمينون بنجر بڻجي رهيون آهن. جيكڏهن سنڌو درياهه كي ختم كيو ويو ته ايندڙ 60 سالن ۾ سمنڊري واڌ سبب كراچي ٻڏي سگهي ٿو ايندڙ قدم اسلام آباد لانگ مارچ؟ وكيلن جي هن جدوجهد سنڌ حكومت كي مجبور كيو ته هو ايس ايس پي جي بدلي تي مجبور ٿيا، پر سنڌو درياهه تي خطرناڪ منصوبن كي روكڻ لاءِ هاڻي وكيلن عيدالفطر كان پوءِ اسلام آباد لانگ مارچ جو به اعلان كيو. جيكڏهن حكومت پنهنجي فيصلن تي نظرثاني نه كئي، ته هي لانگ مارچ حكومت لاءِ آخري وارننگ ٿي سگهي ٿو! نتيجو: هن كالمن ذريعي مان ذاتي طور تي حيدرآباد ڊسٽركٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر اشعر كوكر، جنرل سيكريٽري بابر رسول ميمڻ، ۽ هزارين باضمير وكيلن جو شكريو ادا كريان ٿو ان سان گڏ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جي شموليت پڻ ساراهه جوڳو قدم هو. جنهن بنا كنهن سياسي مقصد جي، وكيل برادري سان ڀرپور يكجهتي ڏيكاري. هاڻي حكومت كي فيصلو كرڻو پوندو! 26هين آئيني ترميم كي رد كيو وڃي! سنڌو درياهه تي ڇهني كئنالن كي فوري طور تي بند كيو وڃي! سنڌ جي وكيلن كي مجبور نه كيو وڃي ته هو اسلام آباد ۾ حتمي لانگ مارچ كن! وكيلن جي هيءَ تحريڪ، سنڌ ۽ پاكستان جي مستقبل جو رخ طئي كندي.

wahab_munshi@yahoo.com

سنڌ ۾ جاري احتجاج: ڇا صدر زرداري اڄ پنهنجي خاموشي ٽوڙيندو؟

غلام حسين لغاري

حيدرآباد سميت سنڌ جي سمورن ضلعن مان پهتل وكيلن ڇهن كئنالن جي اڏاوت خلاف ٽيون ڏينهن كراچي ڏانهن كامياب لانگ مارچ كري اهو ثابت كري ڏيكاريو آهي ته اهي سنڌ جي هن سنگين ۽ پنجاب جي سازشي مسئلي تي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان گڏ آهن وكيلن اهو به اعلان كيو ته جيكڏهن سنڌ دشمن رٿا ختم نه ٿي ته اهي عيد به عوام سان گڏجي اسلام آباد طرف به لانگ مارچ كندا ۽ انجي سموري ذميواري حكومت تي هوندي پريس كلب كراچي آڏو هنن چيو ته سنڌ ۽ سنڌو درياهه هڪ آهن ۽ سنڌ جو ماڻهو سنڌ ۽ سنڌو درياهه لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ هڪ پليٽ فارم تي گڏ آهن حكمرانن كي سنڌ جو وجود ۽ بقا تباهه ٿيڻ نه ڏيندا اهو سندن وچن آهي

سنڌ هن وقت سنڌو جي پاڻي تي سخت احتجاجن طرف آهي جتي هر وسندي واهڻ روزانو احتجاج ٿي رهيا آهن جن ۾ شاگرد آبادگار وكيل سماجي سياسي تنظيمون ۽ سياسي ڌريون روڊن تي نظر اچي رهيون آهن جنهن سان ملكي معيشت كي كاپاري ڌڪ لڳو آهي ۽ وڌيڪ لڳڻ جو خدشو پڻ آهي جو پنجاب ۽ ملڪ جي مختلف صوبن ڏانهن ايندڙ ويندڙ رستا اكثر كري هنن احتجاجن سبب بند رهن ٿا ۽ پنجاب جي كاروبار كي ڌڪ لڳو آهي ۽ اتان جو عام ماڻهو ۽ سنجيده سياستدان اهڙن تكراري كئنالن جا سخت مخالف آهن نٿا چاهين ته كو ملڪ جي بقا ۽ معيشت كي كو نقصان پهچي

هنن عوامي احتجاجن مان صاف ظاهر آهي ته سنڌ جو پاڻي ڦٻائڻ لاءِ ٿيندڙ سازش كامياب وڃڻ جي ويجهو آهي پنجاب ۾ سنڌو درياهه تي ٺهندڙ هڪ اڌ كئنال خاص كري چولستان جو كم ته مكمل ٿي چكو آهي جنهن جو افتتاح به كيو ويو آهي ۽ هاڻ ارسا وارن اهو شوشو ڇڏيو آهي ته ڊيمن ۾ پاڻي جا ذخيرا ختم ٿي چكا آهن وڌيڪ برساتون نه پيون ته پنجاب ۽ سنڌ ۾ ڏكاري حالتن جا امكان آهن سنڌ ۾ هن وقت كوٽڙي كان هيٺ ته پاڻي ليپي ٿي كونه ٿو بدين ۽ ٺٽي ضلعن ۾ ته سمنڊ ڊيلٽا كي اڳ ۾ ئي نقصان پهچائي چكو آهي جنهن كان عالمي ادارن سنڌ كي جاڻ به كري چكا آهن

جڏهن ملڪ ۾ پاڻي جي اڻاٺ اڳ ۾ ئي موجود هئي درياهن ۾ پاڻي نه هو ته سنڌو درياهه ۽ سنڌ جي زراعت كي نشانو بڻائڻ جي ضرورت كهڙي سبب پيش آئي جڏهن ته چشمه كئنال اڳ ۾ ئي سنڌ جو پاڻي ورهين كان چورائي سنڌ كي غيرآباد كري رهيو هو سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو كا معمولي ڳالهه ناهي نه وري سنڌ ۽ بلوچستان جا ماڻهو ان كي برداشت كري سگهندا درياهه سنڌ جو پاڻي نه صرف پوكي لاءِ كم اچي ٿو پر سنڌ جي شهري ۽ ڳوٺن ۾ پيئڻ لاءِ به استعمال ٿئي ٿو مال متاع جانور پكي پكڻ استعمال كن ٿا جڏهن سنڌو ۾ پاڻي ئي نه هوندو ته ساهدار به اڄ وڳهي مرندا جن جو جياپو پاڻي تي آهي نه صرف سنڌ پر بلوچستان به زراعت جي لحاظ كان تباهه حال ٿي ويندو جتان جي قيادت به سراپا احتجاج آهي ۽ هن مسئلي تي سنڌ سان گڏ بيٺل آهي ڏنو وڃي ته سنڌو تي ڇهن كئنالن جي اڏاوت نه صرف سنڌ سان پر پوري ملك سان زيادتي ۽ ملك جون حالتون خراب كرڻ لاءِ هڪ گهري سازش آهي جنهن سان ملڪ جي يكجهتي ۽ بقا كي كاپاري نقصان پهچي سگهي ٿو سنڌ ۾ هن وقت جيكي به احتجاج ٿي رهيا آهن تن ۾ سنڌ جون سموريون سياسي سماجي ڌريون هڪ پليٽ فارم تي گڏ آهن جڏهن ته پ پ پ ۽ انجي قيادت خاموش آهي سواءِ هڪ اڌ اڳواڻ جي جيكي ڇهن كئنالن جي مخالفت ته كن ٿا پر سنڌ اسيمبلي ۾ هن ڏس ۾ كو به ٺهراءُ سامهون ناهي آيو جنهن سان كجهه قياس آرائيون ۽ خدشا سامهون آيا آهن ته ڇهن كئنالن جي اڏاوت ۾ حكمران به شامل آهن جيكي پنهنجي اقتدار كي ڊيگهه ونرائڻ لاءِ وفاق سان گڏ ۽ خاموش آهن ۽ ان خاموشي سنڌ جي ماڻهن ۾ خدشا وڌائي ڇڏيا آهن ايوان صدر ۾ ويٺل سنڌ جو نمائندو صدر مملكت جناب آصف علي زرداري مٿان سنڌ جو ماڻهو نه صرف كاوڙ جو اظهار كندو پيو اچي ته اهو هن ڏس ۾ پنهنجي خاموشي چو نٿو ٽوڙي ۽ چٽو موقف چو نٿو ڏئي جڏهن ته سنڌ ڇهن كئنالن واري رٿا تي سخت احتجاج پئي كري كالا باغ ڊئم جي پيٽ ۾ ڇهن كئنالن واري رٿا وڌيڪ متنازع آهي كجهه حلقا اهو به خيال ظاهر كري رهيا آهن ته ممكن آهي صدر مملكت جناب آصف علي زرداري جيكو اڄ ڏهين مارچ تي پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس كي خطاب كرڻ وڃي رهيو آهي ممكن آهي ته هو پنهنجي هن اهم خطاب ۾ پنهنجي خاموشي ٽوڙي ۽ هن حساس مسئلي تي پنهنجو كو موقف ڏئي ۽ كيس ڏيڻ به گهرجي جيئن سنڌ ۾ پيدا ٿيل هي بي آرامي ختم ٿي سگهي سنڌ جو عوام اڄوكي خطاب جو انتظار پيا كن

رهيو سوال سنڌو تي ڇهن كئنالن جي اڏاوت جو ته اهو منصوبو سنڌ كي سكائڻ جي مذموم سازش آهي جنهن كي رد كرڻ گهرجي سنڌ ۽ ملك جي بقا ٽوڙي جياپي لاءِ اها رٿا ختم ٿيڻ گهرجي حكمرانن كي ملڪ جي بقا جو احترام كرڻ گهرجي خدا نه كري بقول ارسا جي ته ڏئمن جو پاڻي ختم ٿيڻ جي ويجهو آهي خريف ۾ پاڻي اٿلپ ٿيندو جنهن سان سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڏكاري حالتن پيدا ٿيڻ جو خطرو آهي اهو به ملڪ جي تباهي جو سبب بڻجي سگهن ٿيون جنهن كان به هوشيار رهڻ گهرجي اهي به اطلاع آهن ته عيد بعد سنڌ جا ماڻهو وفاق طرف يعني اسلام آباد طرف لانگ مارچ كرڻ جو ارادو ركن ٿا جنهن سان به حالتون خراب ٿي سگهن ٿيون بهتر ته اهو ٿيندو جو ڇهن كئنالن جي اڏاوت وارو منصوبو ختم كيو وڃي سنڌ كي اعتماد ۾ ورتو وڃي ۽ سنڌ كي پنهنجي حصي جو پورو پاڻي ڏيڻ ۽ ڊيلٽا كي تحفظ ڏنو وڃي

بقايا ----------- 01

امه ابڙو، خالد نسرين شهناز راهو، پروفيسر سيما عباسي، پروفيسر فرزانه شاهين، پروفيسر ذكيه چنه حسينه جتوئي، ناشا پيرزاده، زينت احمد، خالد زلف پيرزاده ۽ نوشابه صديقي شركت كئي گڏجاڻيءَ ۾ عطيه دائود 1995ع ۾ بيجنگ كانفرنس ۾ پنهنجي شركت بابت ۽ ان كانفرنس بابت ٻڌايو. انيس ميمڻ سنڌ ۾ عورتن جي ترقيءَ بابت ٿيندڙ كم بابت ڄاڻ ڏني. ڊاكٽر عابده گهانگهرو عورتن جي ڏينهن جي اهميت، مقصديت ۽ اقوام متحده پاران هر سال عورتن جي ڏينهن لاءِ مقرر كيل ٿيمز (مقصدن ۽ هدفن) بابت ڄاڻ ڏني. ڊاكٽر رضيه كوكر عورتن جي مسئلن بابت پنهنجو لكيل مضمون پيش كيو. گڏجاڻيءَ ۾ عورتن 8 مارچ جي اهم ڏينهن ۽ سڄي دنيا جي عورتن كي پنهنجي شاعريءَ جي ڀيٽا ڏني. ان موقعي تي خالد نسرين پنهنجو اردوءَ ۾ غزل پيش كيو تنهن بعد سيما عباسيءَ غزل ۽ نظم، فرزانه شاهين غزل، ذكيه چنه غزل، امه ابڙو پنهنجو عورتن لاءِ لكيل ترانو ترنم سان پيش كيو. عطيه دائود، ڊاكٽر عابده گهانگهرو، شهناز راهو، ناشا پيرزاده ۽ خالد پيرزاده نثري نظم پيش كيا س ا س عورت شاخ جي دستوري گڏجاڻيءَ ۾ به قراردادون منظور كيون ويون ته سنڌ ۾ عورتن جي پنهنجي تشخص ۽ وجود جي بقا، ۽ برابريءَ وارن حقن جي حاصلات لاءِ كيل جاكوڙ جي هڪ تاريخ مرتب ٿيڻ گهرجي. سنڌي چئنلز تان عورتن جي تذليل وارو مواد نشر نه ٿيڻ گهرجي ان لاءِ چئنلز جي اختيارين كي پابند كيو وڃي گڏجاڻيءَ جي كاروائي شاخ جي سيكريٽري ڊاكٽر عابد گهانگهرو هلائي.

بقايا ----------- 02

۾ ماتلي جا قلمكار، استاد ۽ اديب ۽ شاعر سراپا احتجاج بڻجي ويا، صحافين، سنڌي ادبي سنگت، پ ٽ الف جي اڳواڻن ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن عبدالرزاق پنهور، اشرف چانڊيو، مسافر هاليپوٽو، اسلم مهندو، يعقوب نهڙيو، مير شاهد ٽالپر، كيلاش مكواڻا، ڊاكٽر مسرور حسين مگنهار، ايڊووكيٽ زاهد حسين چڍڙ، شيراز زنگيجو ۽ راجا سوٿهڙ جي اڳواڻي ۾ قلكارا چوك كان ريلي كڍي بس اسٽاپ چوك تي ٽهڪندڙ اس ۾ ڌرڻو هڻي نعريبازي كئي، ڌرڻي سبب ٽريفك معطل ٿي وئي، ڌرڻي كي خطاب كندي اڳواڻن چيو ته سنڌو ۾ پاڻي جي پهرين كان ئي كوٽ رهي آهي كوٽڙي كان هيٺ پاڻي نه پهچڻ سبب ٺٽي، سڄاول ۽ بدين ضلعن جي زمين سمنڊ ڳڙكائي رهيو آهي وري مٿان وفاق زبردستي 6 كئنال كڍي سنڌ كي بنجر بڻائڻ چاهي ٿو جيكا سنڌ جي عوام سان سراسر ناانصافي آهي، اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سڄي سنڌ كئنالن خلاف سراپا احتجاج آهي پر وفاق پنهنجي هوڏ تي قائم آهي سنڌ جي احتجاجن جو نوٽيس نه پيو ورتو وڃي جيكڏهن وفاق جو اهڙو رويو رهيو ته سنڌي ماڻهو كا ٻي واٽ وٺڻ تي مجبور ٿي پوندا ان كري جيكڏهن وفاق پاڻ كي مضبوط ڏسڻ چاهي ٿو ته كئنالن جو فيصلو هكدم واپس ورتو وڃي ٻي صورت ۾ هاڻي احتجاجن جو رخ پنجاب جا رستا بند كرڻ طرف هوندو.

بقايا ----------- 03

وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو جنهن جو لاش سول اسپتال مكلي روانو كيو ويو جتي ڊاكٽرن پاران نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق كري لاش وارثن حوالي كيو ويو ان سلسلي ۾ فوتي نوجوان جي مائٽ ٻڌايو ته سرفراز سولنگي دوستن سان گڏ نوراني جي ميلي لاءِ ويل هو رستي ۾ كينجهر ڍنڍ ۾ وهنجڻ لاءِ لٿو جتي هو ٻڏي ويو آهي ۽ اسان كي فون ذريعي اطلاع مليو آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته نوجوان جو لاش اباڻي ڳوٺ آندو پيو وڃي جتي جنازي نماز بعد تدفين ٿيندي ٻئي پاسي اهڙي اطلاع تي سندس گهر ۾ كهرام مچي ويو علائقي ۾ سوگ واري لهر ڇانئيل آهي

بقايا ----------- 04

علي مراد مهر، نواب مهر، غلام نبي مهر، ميهر مهر سميت ٻين جي گهرن اندر داخل ٿي كري عورتن مردن ٻارڙن تي مبينا تشدد ماركٽ كري 8 عورتن عابده مهر، مير زادي مهر، حميداه مهر، امينا خاتون مرد حميد مهر صدام حسين سميت 10 ڄڻن كي زوري كنيي گرفتار كري قاضي احمد ٿاڻي تي منتقل كيو ويو پوليس جي اهڙي عمل خلاف ڳوٺاڻن نواب مهر، مبين مهر، حاجي خدا بخش مهر، ميهر مهر سميت جي اڳواڻي ۾ وڏي انگ ۾ ڳوٺاڻن احتجاج كيو نعري بازي كئي وئي پوليس جي اهڙي ناحق عمل خلاف احتجاج كندڙ ڳوٺاڻن مبينا الزام هڻندي چيو ته هڪ مهينو اڳ اسان جي نياڻي حاكم زادي كي اغوا كيو ويو اسان اهڙو كيس عدالت ۾ داخل كرايو جنهن بعد ناري جي اغوا جي الزام هيٺ آيل قاضي احمد واسين حاجي مولابخش مهر، شوكت مهر بركت مهر ۽ ڏني بخش مهر پوليس اتالا ساڻ كري اسان جي گهرن اندر داخل ٿي كري چادر چوديواري جو تقدس پائيمال كري عورتن كي گرفتار كيو ويو جڏهن ته گرفتار كيل ٻن ڄڻن حميده مهر ۽ صدام مهر كي كنيي گم كيو ويو آهي

بقايا ----------- 05

ملكيت جي تكرار تان پوليس اهلكار شاهد پٽو پاران پنهنجي ننڍي ڀاءُ ساجد پٽو كي گولي هڻي مرٽينگ كري ڇڏيو زخمي نوجوان كي ڊي ايڇ كيو اسپتال دادو منتقل كيو ويو جتي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب سيوهڻ اسپتال منتقل كيو ويو، پوليس موجب ڀائرن وچ ۾ ملكيت معاملي تان جهيڙو ٿيو فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو زخمي ٿيو آهي وڌيك جاچ كري رهيا آهيون قانون موجب كاروائي كئي ويندي.

بقايا ----------- 06

مرتضي خاصخيلي جي فرياد تي ٽن ڄڻن ذوالفقار عرف ذلفي ميمڻ مير آفتاب ٽالپر مشتاق كوسو ۽ 6/7 ٻين نامعلوم خلاف 50 هزار ماليت جي انٽرنيٽ تار كٽي كٽي وڃڻ جو كيس داخل كيو ويو آهي داخل كرايل ايف آئي آر موجب ذوالفقار ميمڻ وارا شهر ۾ غير قانوني انٽرنيٽ هلائي ڀتو وصول كندا آهن جيكي منهنجي آپٽيكل انٽرنيٽ جون تارون نقصان ڏيندا رهندا آهن فريادي موجب 3 مارچ تي رات جو كين سول اسپتال روڊ تي لاڙ كيمپس سامهون تار كٽيندي ڏسي ورتو جيكي كٽيل تار سميت فرار ٿي ويا آهن

بقايا ----------- 07

معصوم ميهر علي شاهه جهانيان المعروف درگاهه غريب شاهه بخاري جي مسجد، امام بارگاهه ۽ قبرستان جي ملكيت تي ناجائز قبضن خلاف سڄاڻ ڌرين پاران "14 محافظ درگاهه و قبرستان" جي نالي سان 14 ركني كميٽي جوڙي وئي. كميٽي جي سرپرستي سيد ممتاز سائين جهانيان كندو. جڏهن ته ميمبرن ۾ پاكستان عالمي مشائخ كائونسل جو اڳواڻ ايڊووكيٽ سيد امتياز علي شاهه، سيد نواز علي شاهه، ايڊووكيٽ امداد حسين خميساڻي، ايڊووكيٽ عبدالباسط لانگاهه، سيد خادم علي شاهه، نعيم احمد شيخ ۽ ٻيا شامل آهن. كميٽي كي ذميواري سونپي وئي آهي ته ضلعي جي سمورن درگاهن ۽ قبرستانن تي ٿيل ناجائز قبضن خلاف انتظامي سطح تي آواز اٿارڻ، عدالتن ذريعي قانوني كارروائي كرائڻ، ۽ قبضا مافيا خلاف ڊگهي تحريڪ هلائي وڃي

بقايا ----------- 08

خبر موجب گهيرلي شهر جي بس اسٽاپ تي گذري رات دير سان موٽرسائيكل تي سوار ٽن ڌوهارين دكاندار ماٺك چانڊيو توفيق ابڙو ۽ امتياز علي سمون جي دكانن ۾ داخل ٿي كين هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي لكين روپيا روك رقم ۽ موبائيل فون ۽ ٻيو سامان ڦر كري فائرنگ كندا آساني سان فرار ٿي ويا گهيرلي ۾ دكاندار كان ڦر واقعي خلاف مڇريل شهرين دكاندار ايسوسيئيشن جي سڏ تي شهر ۾ شٽر بند هڙتال كري شفيق منگي امتياز علي سمون، عباس سولنگي خالد محمود جتوئي جي اڳواڻي ۾ ٿاڻي اڳيان ٻه كلاك ٽهڪندڙ اس ۾ ڌرڻو هڻي پوليس خلاف ڇتي نعريبازي كئي. ان موقعي تي اڳواڻن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ڌوهارين اڳ گهيرلي شهر واسين لاءِ گهيرلو لاڙكاڻو جا روڊ رستا نوگو ايريا بڻايا هئا ليكن هاڻي ڌوهاري اسانجي دكانن تي چڙهي اچي اسان كان سرعام هٿيارن جي زور تي لكين روپيا ڦر كري وڃن ٿا پر پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي هنن ايس ايس پي لاڙكاڻو احمد فيصل چوڌري كان مطالبو كيو ته هكدم نوٽيس وٺي ڌوهارين خلاف كارروائي كري ٻن ڏهاڙن اندر ڦر ٿيل روك رقم ۽ سامان واپس كرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ شروع كئي ويندي. هوڏانهن ٿاڻي اڳيان لڳل ڌرڻي جي اڳواڻن شفيق احمد منگي امير احمد گاڏهي خالد محمود جتوئي، كامريڊ مختيار علي چنو محمد صالح مغل ۽ ٻين سان ايس ايڇ او گهيرلو آصف علي تنيو ۽ ڊي ايس پي باقراڻي امداد ٽالپر ڳالهيون كري ٻن ڏهاڙن اندر ڦر ٿيل سامان ۽ رقم واپس كرائڻ جي خاطري كرائي ڌرڻو ختم كرايو.

بقايا ----------- 09

كئنال اڏڻ خلاف سماجي تنظيم جي سڏ تي اعجاز ملكاڻي، سكندر كوكر، عرفان پنهور، عبدالحميد ميمڻ، منصور پنهور، احمد ملاح، سراج الدين سومرو، ظفر كوسو سجاد پنهور ۽ ٻين هٿن ۾ بينر ۽ پلي كارڊ كڻي احتجاجي مارچ كري دادو پريس كلب آڏو ڌرڻو هنيو. مظاهرين چيو ته ساڍا ٽي سال كان پريا كماري اغوا آهي سنڌ حكومت پريا كي بازياب كرائڻ ۾ ناكام ٿي وئي آهي جوڙيل جي آئي ٽي به بااثرن آڏو بيوس بڻيل آهي عوام جي جان و مال جو تحفظ كندڙ پوليس معصوم ٻارڙي پريا كماري كي بازياب نه كرائي سگهي. آهي. جيكب آباد جي ٺل واري علائقي مان ٻن سالن كان معصوم نينگر نويد لاشاري اغوا آهي جيكو هن وقت تائين بازياب نه ٿي سگهيو آهي، هنن چيو ته سنڌو درياهه مان 6 كئنال كڍي چولستان جي لكين ايكڙ غير آباد زمينن كي آباد كري سنڌ جي زمينن كي بنجر بڻائڻ جي سازش كنهن به صورت ۾ قبول نه كنداسين سنڌو درياهه سنڌ جي 6 كروڙ عوام جو جياپو آهي كئنال كڍڻ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي ۽ فوري طور پريا كماري ۽ نويد لاشاري كي بازياب كرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجن جو سلسلو جاري رهندو.

بقايا ----------- 10

جي سائين ڊاكٽر امداد علي شيخ ۽ ڊاكٽر زاهد حسين شيخ جي طرفان افطار جو اهتمام كيو ويو. جنهن ۾ گولڊن فرينڊس جي دوستن ڊاكٽر احمد علي شيخ، ذوالقرنين سيال، ڊاكٽر شمس الدين سومرو، ڊاكٽر آفتاب پٽو، ڊاكٽر علي حيدر بلوچ، نديم اكبر سيال، ڊاكٽر جلال مگسي، ڊاكٽر شنكر نوتن، ڊاكٽر محمد صديق كهاوڙ، ڊاكٽر نرمل داس، جهانگير خان سيال، ڊاكٽر ذوالفقار جوڻيجو، ڊاكٽر سفيع الله سوهو، ڊاكٽر عاشق علي پٽي، ڊاكٽر ذوالفقار مگسي، ڊاكٽر محرم علي عباسي، اياز علي شيخ، ڊاكٽر عبدالخالق شيخ، ڊاكٽر الطاف جتوئي، توحيد شيخ، راجا هوتواڻي، ڊاكٽر پركاش، ڊاكٽر عبدالرشيد ميمڻ، عبدالوحيد شيخ، توحيد شيخ، ڊاكٽر ذوالفقار مگسي، ڊاكٽر شام لعل ۽ ٻين شركت كئي.

بقايا ----------- 11

چيو آهي ته سندس ماءُ امينا ميمڻ ۽ ڀيڻ حميده ميمڻ سندس مٿان ظلم كري رهيون آهن. هن چيو ته منهنجي ماءُ مونكي چوي ٿي ته آئون پنهنجو گهر خالي كريان ۽ هن جي چوڻ تي مختلف كاغذن تي كيس صحيحون كري ڏيان ۽ پنهنجو شناختي كارڊ سندس خاندان كان جدا كرائي نئون ٺهرايان. هن چيو ته مون منهنجي ماءُ جون اهڙيون ڳالهيون نه مڃيون انكري منهنجي ماءُ مونكي پوليس هٿان گرفتار كرايو ۽ مختلف اڄاتل ماڻهن هٿان ڌمكيون ڏياري رهي آهي. هن چيو ته آئون ٻچڙيوال آهيان منهنجا ننڍا ننڍا ٻار آهن آئون پنهنجو گهر ڇڏي كيڏانهن وڃان. هن چيو ته اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺي مونكي منهنجي ماءُ كان انصاف ڏيارين. ٻئي پاسي رابطو كرڻ تي نوجوان جي ماءُ ٻڌايو ته هي منهنجي ڏير جو پٽ آهي مون كيس سانڍيو آهي. هن كجهه سال اڳ منهنجي مرضي جي خلاف ڌاري برادري مان شادي كئي هئي جنهن كان پوءِ مون هن كي پاڻ كان جدا كري ڇڏيو ۽ ان وقت كان منهنجو ساڻس كو واسطو ناهي. هي پاڻ كي منهنجو وارث هجڻ جون كوششون كري پيو، پر منهنجي وارث منهنجي ڌيءَ آهي

بقايا ----------- 12

ز لڏي. سڄاڻ ڌرين ۽ صحافي برادري پاران امداد پناڻ جو سركاري خرچ تي علاج كرائڻ جو مطالبو سڄاول ۾ سنڌ جو ناليوارو شاعر ۽ صحافي پريس كلب سڄاول جو صدر امداد پناڻ بيماري سبب ڳڻتي جوڳي حالت ۾ كراچي جي هڪ اسپتال ۾ داخل آهي. ان سلسلي ۾ سندس پٽ راز حسين پناڻ ٻڌايو ته بابا كجهه وقت كان بيمار هو ۽ گهر ۾ بستري پيڙو هو جتي وس آهر علاج هلي رهيو هو پر اوچتو سندس طبيعت خراب ٿيڻ كري كيس كراچي جي اسپتال ۾ داخل كرايو آهي. هن ٻڌايو ته كراچي ۾ علاج كرائڻ اسانجي وس كان ٻاهر آهي. ان سلسلي ۾ سڄاول جي صحافي برادري ۽ سڄاڻ ڌرين اطلاعات كاتي ۽ ثقافت كاتي سنڌ ۽ مقامي چونڊيل نمائندن كان مطالبو كيو آهي ته ٻهترين شاعر ۽ صحافي امداد حسين پناڻ جو سركاري خرچ تي علاج كرايو وڃي ۽ سندس جلد مالي سانڀا پڻ كئي وڃي.

بقايا ----------- 13

كٽي قومي شاهراهه دستگير گيٽ اڳيان ڌرڻو هڻي ويهي رهيون. جنهن سبب روڊ جي ٻنهي طرفن كان گاڏين جون قطارون لڳي ويون. ان موقعي تي مظاهرين عورتن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته كالهه اسانجي همراهه كي بيدرديءَ سان گوليون هڻي قتل كيو ويو آهي. پران جو كيس داخل نه ٿو كيو وڃي پوليس اسانجو كيس داخل كرڻ لاءِ كالهه يقين ڏيارايو پر 24 كلاك گذرڻ باوجود كجهه به نه ٿيو آهي. اسان كي خدشو آهي ته كٿي وڌيك جاني نقصان نه ٿي وڃن. جيستائين اسان سان انصاف نه ٿيندو اسان روڊ نه كوليندا سين. جنهن دوران ايس ايڇ او رانيپور ڌرڻيءَ واري هنڌ پهچي عورتن كي يقين ڏيارايو ته ٿاڻي تي هلو ته اوهانجو كيس داخل كيون ٿا. جنهن بعد قتل ٿي ويل ملوك جو قتل كيس سندس ڌيءَ مسمات عذرا خاتون جي فرياد تي 8 سڃاتل ۽ 4 اڻسڃاتلن مٿان رانيپور ٿاڻي تي كيس داخل كيو ويو. جنهن ۾ فريادڻ ناليوار جوابدار عامر، عمران، جڙيو رجب، امتياز، رحمان، رشيد، مختيار واطٽي ۽ چار اڻسڃاتلن ڄاڻايا آهن. جڏهن ته كا به گرفتاري عمل ۾ اچي نه سگهي آهي.

بقايا ----------- 14

جامشورو جي ڳوٺ بيگو ميرجت جي رهواسي نوجوان محمد توفيق ولد محمد رفيق ميرجت سان شريعتي محمدي موجب عدالت سكهوريءَ ۾ نكاح كري ڇڏيو جنهن بعد مسمات نازش پنهنجي مڙس محمد توفيق سان گڏ هالا پريس كلب پهچي صحافين آڏو انصاف ۽ تحفظ لاءِ احتجاج كندي ٻڌايو ته منهنجي پهرين شادي مائٽن جي رضا خوشيءَ سان ويجهي عزيز ارشد علي پٽ شهباز علي ميرجت سان ٿي جنهن كجهه وقت كان پوءِ مون كي طلاق ڏئي ڇڏي جڏهن ته مون هاڻ پنهنجي رضا خوشيءَ سان محمد توفيق سان عدالت سكهوريءَ ۾ شادي كئي آهي جنهن كان پوءِ منهنجي پيءُ لكانو شبير حسين پوليس اسٽيشن بلوچ كالوني كراچي ٿاڻي تي منهنجي مڙس محمد توفيق مٿان كوڙو كيس داخل كرايو آهي

بقايا ----------- 15

خلاف مٽياري پريس كلب پاران اعلانيل احتجاج جي ڀرپور حمايت جو اعلان كريون ٿا... (پير غلام مجدد سرهندي) پاكستان مشائخ اتحاد كائونسل جي مركزي صدر ۽ سرهندي جماعت جي سرواڻ پير غلام مجدد سرهندي عرف باباسائين سنڌو دريا مٿان نكرندڙ غير آئيني ۽ غيراسلامي كينالن جي مذمت كندي چيو آهي ته مٽياري پريس كلب پاران اعلانيل احتجاج جي ڀرپور حمايت كندي شركت كنداسين. صحافي جس لهڻن. پير غلام مجدد چيو ته ايئن ٿو لڳي ته كنهن مخصوص طبقي كي خوش كرڻ لاءِ سنڌ جو پاڻي روكڻ جي كوشش كئي پئي وڃي. هن پي پي جي چيئرمين بلاول ڀٽو كي هن نازك قومي اشو تي قدم كڻڻ جو مشورو ڏيندي واضح كيو آهي ته سنڌ صوبي جي مظلوم عوام سان ويساهه گهاتي نه كئي وڃي. عوام هجي يا وكلاءِ علماءَ هجن يا مشائخ هي كروڙين ماڻهن جي بقا جو معاملو آهي هن تي كير به خاموش كونه رهندو. هن پاكستان مشائخ اتحاد كائونسل طرفان چيف جسٽس آف پاكستان كان هن قومي اشو تي بنيادي جي نوٽس وٺڻ جي اپيل كئي آهي

بقايا ----------- 16

درياهه تي كينالن جي غير قانوني تعمير خلاف لانگ مارچ جو اعلان سنڌو درياهه جو هڪ ڦڙو پاڻي به كنهن كي ڏيڻ نه ڏينداسين. قائد سنڌ علامه راشد محمود سومرو، خبر موجب جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي قائد علامه راشد محمود سومرو چيو آهي ته سنڌ جي عوام سنڌو درياهه مان كينال كڍڻ خلاف متحد ٿي ويا آهن ۽ ان خلاف هلندڙ هر تحريڪ جي ڀرپور حمايت كئي ويندي. هن چيو ته جي يو آءِ شاگردن ۽ وكيلن جي تحريڪ سان گڏ آهي ۽ سنڌ جي حقن لاءِ كنهن به حد تائين وڃڻ لاءِ تيار آهي. هن وڌيڪ چيو ته جي يو آءِ سنڌ پاران جيكب آباد كان كراچي تائين لانگ مارچ جي تياري كري رهي آهي ته جيئن وفاقي حكومت كي سنڌو درياءَ تي كينالن ٺاهڻ جي منصوبن كي ختم كرڻ لاءِ مجبور كيو وڃي. "جيكڏهن سنڌو درياهه جي پاڻي كي ڦرڻ جي كوشش بند نه كئي وئي ته ان جي سخت مزاحمت كئي ويندي. هن اهڙن خيالن جو اظهار جي يو آءِ سنڌ جي انفارميشن سيكريٽري ڊاكٽر اي جي انصاري سان ڳالهه ٻولهه كندي كيو. علامه راشد محمود سومرو سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني تي به سخت ڳڻتي ظاهر كندي چيو ته سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ سبب عوام جو جيئڻ مشكل ٿي ويو آهي، شهري خوف ۾ آهن ۽ حكومت بي وس نظر اچي رهي آهي. هن اهو به چيو ته جيكب آباد ۾ عورت ٽيچرز كي اغوا كرڻ جي كوشش كئي وئي، پر 4 ڏينهن گذرڻ باوجود كير به گرفتار نه ٿي سگهيو خوف سبب عورت استاد اسكول وڃڻ ڇڏي ڏنو جنهن سبب اسكول بند ٿي ويا آهن، ۽ سنڌ ۾ تعليم تباهه ٿي رهي آهي. هن چيو ته جيكڏهن حكمران امن بحال نه ٿا كري سگهن، ته انهن كي اقتدار ڇڏڻ گهرجي.

بقايا ----------- 17

بيٽريون چوري كندي ڳوٺاڻن ٻن مبينا چورن دوست علي ميمڻ ۽ امتياز چلگري كي سڱ سوڌو پكڙي ورتو جن كي بدين پوليس حوالي كيو ويو آهي ڳوٺاڻن موجب هڪ هفتو پهرين به ساڳئي ٽاور تان بيٽريون چوري ٿي ويون هيون

بقايا ----------- 18

ويون آهن جنهن سان روزائتن جي سري عام بي ادبي ٿي رهي آهي كنديارو ۾ ماهه رمضان المبارك ۾ سري عام هوٽلون كليل آهن، هوٽلون عوامي هنڌن تي ڏينهن جو به ٽائون كاميٽي چوك، اسپتال روڊ، اسٽار چوك، چمن بازار ۽ قومي شاهراهه ٽاور چوك سميت ٻين هنڌن تي كوليل آهن. كليل هوٽلن تي عام طرح هوٽلن تي ۽ بازارن ۾ دكاندارن كي كاڌي پيئڻ جو سامان پهچايو پيو وڃي. انهن هوٽل مالكن خلاف انتظامي طور كا به كارروائي نظر نه پئي اچي، مذهبي جماعت يا پارٽي پاران اكيون بند كري چپ سبيا ويا آهن هوٽلون كوليندڙ مالكن جي ذريعن موجب اسسٽنٽ كمشنر ۽ مختياركار جي خاص ماڻهن جي خاص مهربانين ۽ عملدارن جي زباني اجازت نامي تي احترام واري مهيني ۾ ڏينهن جو به هوٽلون كوليون ويون آهن

بقايا ----------- 19

وئي ، بازارن ۾ خريد كندڙن جو رش ان سلسلي ۾ رمضان المبارك جي مقدس مهيني جي ٻئي ڏاكي جي شروعات دوران سكر ۾ عيد جي خريداري لاءِ اندروني شهر سميت ڏورانهن شهرين جي آمد شروع ٿي وئي آهي جنهن كانپوءِ سكر جي واپاري ۽ كاروباري ماركيٽن ۾ عيد جي خريداري لاءِ عورتن ۽ ٻارن جي رش ۾ به واڌ ٿي رهي آهي شهر جي مختلف مشهور ۽ مصروف ترين ماركيٽن مشن روڊ غريب آباد ، شاهي بازار ، مهراڻ مركز ۽ ٻين تجارتي مركزن سميت كپڙن جي دكانن تي روزانو افطار جو اثر ، شوز ، بوٽيك ، كپڙن سميت ٻين دكانن تي افطار كان اڳ ۽ افطار كان پوءِ خريدارن جي رش سبب واپاري به خوش نظر اچي رهيا آهن.

بقايا ----------- 20

اڳواڻي ۾ چوهڙجمالي پريس كلب اڳيان احتجاج-احتجاج ۾ اڳواڻن خطاب كندي چيو ته تعلقو شاهبندر تعليم جي لحاظ كان پٺتي پيل علائقو آهي-هتي PST .JEST جون كافي سيٽون خالي پيل آهن - جنهن كري هتان جو كيترين ئي اسكولون بند پيل آهن.اسان هتان جي چونڊيل ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي ۽ ايم پي اي رئيس محمدعلي خان ملكاڻي سميت وزير تعليم سيد سردار شاهه كان مطالبو ٿا كريون ت شاهبندر تعلقي كي هارڊ ايريا قرار ڏئي هتان جي 33/39 ماركون كٽندڙ اميدوارن كي پاس قرار ڏئي آفر آرڊر ڏئي نوجوانن ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم كئي وڃي.

بقايا ----------- 21

چوك ميناره بازار بس اسٽاپ بازار جي مرغي سبزي فروٽ كرياڻه مڇي سميت كاڌي پيتي جي دكانن تي ڇاپا هڻي ريٽ لسٽون چيك كيون ۽ كاڌي پيتي جي شين جو معيار پڻ چيك كيو جڏهن ته ريٽ لسٽ كان وڌيك اگهه تي كاڌي پيتي جو سامان وكرو كندڙ دكاندارن تي ڏنڊ هڻي موقعي تي ئي وصول كيو اسسٽنٽ مختيار كار قادر ڏاڦ مري مرغي ڀاڄي فروٽ وكرو كندڙن كي سختيءَ سان هدايت كئي ته سركاري ريٽ لسٽ مطابق كاڌي پيتي جو سامان وكرو كيو وڃي وڌيك اگهه وٺندڙ دكاندارن خلاف قانوني كاروائي كئي ويندي ان موقعي تي بابر علي لاشاري تپيدار ممتاز علي ميمڻ ممتاز سولنگي پڻ گڏ هيا

بقايا ----------- 22

اڻسڃاتل مٿان دهشتگردي ايكٽ تحت كيس داخل كيو ويو آهي. گذريل ڏينهن عدالت ٻاهران ٻڌڻي تي آيل چانڊيه برادري جي ڌر تي حملو كري 7 ڄڻن كي مرٽينگ كيو ويو هو. پنڊ برادري جي هٿياربندن پاران فائرنگ پڻ كئي وئي هئي، اهڙي واقعي جو ياسين چانڊيو جي فرياد تي ارادائي قتل، جهيڙي ۽ فائرنگ كري دهشتگردي ڦهلائڻ جي قلمن تحت كيس داخل كيو ويو. كيس ۾ آفتاب، اشفاق، نصير، حسين، حسن، نويد، وحيد پنڊ سميت 20 سڃاتل ۽ 5 اڻسڃاتل سميت 25 جوابدارن كي نامزد كيو ويو. ياد رهي ته گذريل ڏينهن پنڊ برادري جي ڏنڊا بردار ۽ هٿياربندن عدالت كان نكرندڙ چانڊيه برادري جي ڌر مٿان حملو كيو هو حملي ۾ چانڊيه برادري جا 7 ڄڻا اسماعيل چانڊيو، منٺار چانڊيو، وحيد چانڊيو، عطا محمد چانڊيو ۽ ٻيا زخمي ٿيا هئا، مسلسل هڪ كلاك تائين علائقو جنگ جو ميدان بڻيل رهيو جنهن جي وڊيوز سوشل ميڊيا تي پڻ وائرل ٿي هئي.

بقايا ----------- 23

بندن جي فائرنگ ۾ واپاري امير پنڊ ۽ هڪ ڦورو زخمي ٿي پيا، پوليس زخمي ڦورو كي گرفتار ڊي ايڇ كيو اسپتال منتقل كيو. پوليس موجب زخمي حالت ۾ گرفتار ڦورو جي سڃاڻپ اسد شاهاڻي طور ٿي آهي، ڦر واقعي خلاف سبزي منڊي جي واپارين مولا بخش زئونر، نواب سولنگي، يوسف زئونر ۽ ٻين دادو پريس كلب آڏو احتجاج كندي دانهيو ته روزانه ڦرون، چوريون ڌاڙا لڳي رهيا آهن پوليس اگهور ننڊ ستل آهي هڪ هفتي دوران دادو شهر جي مختلف علائقن مان 10 كان وڌيك موٽر سائيكلون ۽ نقد رقم ڦر كئي وئي آهي، شهر جي مختلف علائقن مان 20 كان وڌيك گهرن مان لكين روپين جو سامان پڻ چوري ٿيو آهي دادو پوليس بدامني تي ضابطو آڻڻ ۾ مكمل طور ناكام ٿي وئي آهي هنن چيو ته فرار ٿيل ڦورن كي جلد قانون جي كٽهڙي ۾ آڻي امن امان بحال كرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع كيو ويندو.

بقايا ----------- 24

آصف پٽي اجمل رضا اكمل رضا بلال احمد ميمڻ پرياستي پريس كلب پهچي پريس كلب 2025 جي نئي چونڊيل عهديدارن كي صدر راڻا عابدالستار نثار احمد لهراڻي عبدالمجيد كيريو نديم علي منگي راڻا شيرمحمد ساجد علي چنا محمد رفيق عمراڻي سميت ٻين عهديدارن كي هار پارائي مباركون ڏنيون ان موقعي تي دعوت اسلامي پرياستي جي امير ڊاكٽر محمد افضل قادري خطاب كندي چيو ته ماهه رمضان جو مبارك مهينو آهي جنهن ۾ تقوي ۽ پرهيزگاري جو درس ملي ٿو روزا پهرين امتن تي فرض كيا ويا هيا روزو عبادت سان گڏوگڏ جسماني طور به انسان كي صحت مند بڻائي ٿو جڏهن ته احمد رضا ميمڻ نعت شريف جو شرف حاصل كيو ان موقعي تي صدر پريس كلب راڻا عابدالستا خطاب كندي دعوت اسلامي جي آيل وفد جو شكريو ادا كيو

بقايا ----------- 25

واردات تائين اچڻ جي زحمت نه كئي، خبر موجب ڊنڍي جو رهواسي عبدالكريم مهر رات جو دير سان پنهنجي ڳوٺ كان صالح پٽ وڃي رهيو هو ته سنگرار ٿاڻي جي حد صالح پٽ سنگرار روڊ تي ڳوٺ حجامكي وٽ ٽن هٿيار بندن اڳ ڏئي سندس سي ڊي موٽرسائيكل موبائيل فون روك رقم ڦر كري فرار ٿي ويا اهڙو اطلاع سنگرار ٿاڻي تي ڏنو ويو پر سنگرار پوليس ٻه كلوميٽر فاصلي تي به پهچڻ جي زحمت كون كئي

بقايا ----------- 26

واپاري عبدالغفار كوسو كي موٽر سائيكل جي خريدوفروخت دوران كوڙو چيك ڏيڻ جو كيس بدين ٿاڻي تي داخل كيو ويو آهي ان ڏس ۾ معلوم ٿيو آهي ته واپاري عبدالغفار كوسو پنهنجي وكيل ذريعي سيشن كورٽ بدين ۾ ٻن ڄڻن افضل حسين بليدي ۽ سهيل بليدي جي خلاف درخواست داخل كرائيندي الزام هنيو ته ڄاڻايو جوابدارن موٽر سائيكل خريد كري ان جي رقم 14 لك 60 هزار عيوض بينك جو جيكو چيك ڏنو آهي اهو واسطيدار بينك مان بائونس ٿي ويو آهي جوابدارن مون ساڻ ٺڳي كئي آهي جنهن تي عدالت سڳوري ٻنهي ڌرين جي وكيلن جا دليل ٻڌڻ ۽ پوليس رپورٽ جي آڌار تي جوابدارن افضل حسين بليدي سهيل بليدي جي خلاف كيس داخل كرڻ جو حكم ڏنو عدالتي آرڊر بعد ماڊل ٿاڻي بدين تي عبدالغفار كوسو جي فرياد تي ٻنهي جوابدارن خلاف كوڙو چيك ڏيڻ ۽ فراڊ جو كيس داخل كيو ويو آهي پوليس موجب جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن

بقايا ----------- 27

موجب. مٽياري لڳ ڳوٺ نوبت مري ۾ رات جو دير سان نامعلوم چور ماسٽر حسين خاصخيلي جي بورنگ تي لڳل 4 سولر پليٽ هڪ بيٽري ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري كري ويا. بورنگ جي مالك ماسٽر حسين خاصخيلي ٻڌايو ته گذريل رات دير سان نامعلوم چورن بورنگ تي اچي قيمتي سامان چوري كري ويا صبح جو بورنگ تي آيس ته چٽ ٿيل ڏسي پوليس اسٽيشن اڏيرولال اسٽيشن كي اطلاع كيو. هن ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي مٽياري كان مطالبو كيو كندي چيو ته چوري ٿيل سامان واپس ڏياريو وڃي.

بقايا ----------- 28

بازار بس اسٽاپ بازار جي مرغي سبزي فروٽ كرياڻه مڇي سميت كاڌي پيتي جي دكانن تي ڇاپا هڻي ريٽ لسٽون چيك كيون ۽ كاڌي پيتي جي شين جو معيار پڻ چيك كيو جڏهن ته ريٽ لسٽ كان وڌيك اگهه تي كاڌي پيتي جو سامان وكرو كندڙ دكاندارن تي ڏنڊ هڻي موقعي تي ئي وصول كيو اسسٽنٽ مختيار كار قادر ڏاڦ مري مرغي ڀاڄي فروٽ وكرو كندڙن كي سختيءَ سان هدايت كئي ته سركاري ريٽ لسٽ مطابق كاڌي پيتي جو سامان وكرو كيو وڃي وڌيك اگهه وٺندڙ دكاندارن خلاف قانوني كاروائي كئي ويندي ان موقعي تي بابر علي لاشاري تپيدار ممتاز علي ميمڻ ممتاز سولنگي ۽ ٻيو عملو پڻ گڏ هيا

بقايا ----------- 29

نادر شاهي حكم خلاف ڀرپور احتجاجي تحريڪ شروع كندي، اهڙيون ڳالهيون پ ٽ الف جي اڳوڻي مركزي صدر حاجي شفيع محمد سٿيو پ ٽ الف جي اڳوڻي مركزي اڳواڻ سكندر علي جتوئي هڪ گڏيل اجلاس ۾ كندي كيون. هنن چيو ته سنڌو درياءَ تي زبردستي كينال ٺاهڻ واري عمل خلاف سنڌ جي مختلف سياسي، سماجي ۽ تعليمي حلقن جي مزاحمت وڌي رهي آهي. ان سلسلي ۾ استاد برادري پڻ پنهنجو اهم كردار ادا كندي احتجاجي تحريڪ ۾ شامل ٿي رهي آهي. پ ٽ الف جي اڳوڻي مركزي صدر حاجي شفيع محمد سٿيو ۽ سكندر علي جتوئي جي قيادت ۾ سموري سنڌ جي استادن پاران هن جبري عمل خلاف هر فورم تي سخت احتجاج كرڻ جو اعلان كيو ويو آهي. هنن واضح كيو آهي ته سنڌو درياءَ تي زبردستي كينال ٺاهڻ جو عمل سنڌ جي پاڻيءَ جي وسيلن تي حملو آهي، جيكو كنهن به صورت ۾ قبول نه كيو ويندو. هنن اعلان كيو ته عيد كانپوءِ استادن كي سڏ ڏنو ويندو ته هو پنهنجي علائقن ۾ تحريڪ كي تيز كن ۽ هر تعلقي جي سطح تي احتجاجي مظاهرا منظم انداز ۾ كن. استادن جي قيادت سنڌ واسين كي اپيل كئي آهي ته هو پنهنجي ڌرتيءَ جي حقن لاءِ آواز بلند كن.

بقايا ----------- 30

ٽائيم تي وقار علي پٽ سلطان علي مشوري كي بيگناهه قتل كيو ويو جنهن جي چشم ديد گواهه خود پوليس آهي، پر افسوس هن جي پوئيرن سان هن وقت تائين كو ب انصاف ن ٿي سگهيو وقار علي مشوري جي قتل واري وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي ان كان پوءِ ب ان جا قاتل سريعام شهر ۾ گهمڻ لڳا مگر كا ب گرفتاري عمل ن اچي سگهي ان جي والد سلطان علي ايس ايس پي نوشهروفيروز كان هڪ سوال ت ڇا منهنجو پٽ جا قاتل گرفتار ن كيا ت آءَ پنهنجي پاڻ باهه ڏئي سريعام سارينديم ۽ ان جو ڏوهه توهان جي مٿان ۽ هنڌ جي ايس ايڇ او جي مٿان ڏيندو ويندو ۽ آ ئي جي سنڌ كان ب پرزور اپيل آهي ت منهنجي پٽ جي خون سان انصاف كيو خدارا ڇو جو آءَ ب توهان جي قانون واري گهر جو پاتي آهيان پوءِ ب مونسان هن وقت تائين انصاف ن ٿي سگهيو اگر وقار علي مشوري جي قتل جو انصاف ن ٿيو ت مشوري برادري احتجاج جو دائرو وسيع كيو ويندو

بقايا ----------- 31

سٽاپ كان سڄاڳ بار تحريڪ ضلع متياري جي صدر جاڳير حسين ملاح، فواد ملاح، احسن كوسو، ياسر ملاح، متقين ملاح، حسيب ڏنگراج جي اڳواڻي ۾ پيادل مارچ كري پريس كلب تي ڌرڻو هنيو. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب كندي چيو ته چولستان سميت 6 نوان كئنال سنڌ لاءِ زهر قاتل آهن. سنڌو درياهه سنڌ جو جياپو آهي نوان كئنال ٺهڻ سان سنڌ مكمل سوكهڙي جو شكار ٿي ويندي پنجاب پاڻي جي مسئلي تي سنڌ سان هميشه ڌاڌ مڙسي ۽ ويسا گهاتي كندو رهيو آهي. اڳواڻن چيو ته كڏهن سنڌو درياهه جو سودو، كڏهن ٻيٽن جو سودو، كڏهن بندرگاهن جو سودو، كراچي، كوهستان، ساحلي پٽي ليند مافيا حوالي كئي وئي آهي. گريٽر ٿل كئنال ۽ ٻيا ڏاڍيل واهه تعمير كرائي پيپلز پارٽي ۽ زرداري مافيا سنڌو درياهه سكائڻ چاهين ٿا. تيل، گئس، كوئلو هجڻ باوجود سنڌ جا ماڻهو بكون كاٽڻ تي مجبور آهن.

بقايا ----------- 32

اكبر آزاد هيسباڻي پنجاب ۽ كي پي كي جو سفرنامو "سفر ستن ڏينهن جو" جي عنوان سان قسط آخري پيش كيو جنهن تي گڏجاڻي ۾ شريك اديبن پنهنجا رايا ڏيندي چيو ته بهترين سفرنامو اهو آهي جيكو پڙهندڙ كي متاثر كري ۽ ڄاڻ فراهم كري اكبر آزاد جو سفرنامو ان معيار تي پورو لهي ٿو اڳيون قسطون به پڙهڻ جهڙيون آهن پر سفرنامي جي پڄاڻي واري قسط شاندار آهي، گڏجاڻي ۾ اصلاحي تنقيد لاءِ سارنگ امر پنهنجا لكيل تكور پنجكڙا پيش كيا جنهن تي راءِ ڏيندي اديبن ۽ نقادن چيو ته اڄ كلهه پنجكڙا گهٽ لكيا وڃن ٿا ماضيءَ ۾ راشد مورائي، سعيد ميمڻ ۽ ڊاكٽر ذوالفقار سيال ۽ ٻين پنجكڙا لكيا آهن سارنگ جا پنجكڙا فن ۽ فكر جي حوالي سان پختا ۽ سٺا پنجكڙا آهن. جڏهن ته مهتاب جهتيال نثري نظم پيش كيو جنهن تي گڏجاڻي ۾ شريك اديبن مهتاب جهتيال جي نثري نظم تي راءِ ڏيندي چيو ته مهتاب جي مسلسل لكڻ ۽ مطالعي كانپوءِ سندس نثري نظم سٺا ۽ پختا ٿي رهيا آهن سندس خيالن جي اڏار ب وڌندڙ آهي. گڏجاڻيءَ ۾ اقبال كوكر غزل پيش كيو جنهن تي پڻ گڏجاڻي ۾ شريك اديبن ۽ نقادن پنهنجا تنقيدي تعريفي ويچار ونڊيا گڏجاڻي جي آخر ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ باڊهه جي سيكريٽري اقبال كوكر سنڌو درياهه مان تكراري ۽ غيرآئيني طور كڍندڙ 6 هن كئنالن خلاف قرارداد پيش كئي جنهن كي عهديدارن ۽ ميمبرن اكبر آزاد هيسباڻي، خادم حسين ٻگهيو، غلام محمد پٽي، عرس پٽي، مهتاب جهتيال، سارنگ امر، قربان علي قرب پنهور، ذوالفقار كاندڙو ۽ ٻين اكثريت سان منظور كندي سموري سنگت چيو ته سنڌو درياهه سنڌ جو جياپو آهي پالڻهار آهي ان مان كئنال كڍي پاڻي تي ڌاڙو كنهن به صورت ۾ منظور ناهي كئنالن وارو فيصلو فوري طور واپس ورتو وڃي ان سلسلي ۾ مركز پاران 14 مارچ تي اعلانيل جاڳرتا مهم ۽ احتجاج واري سڏ جي موٽ ۾ باڊهه ۾ احتجاج جو اعلان كيو ويو.

بقايا ----------- 33

بلدياتي چونڊيل نمائندن خلاف سچل فرينڊس ايسوسيئيشن جي سڏ تي مختلف سياسي سماجي تنظيمن جو هٿن ۾ بئنر پلي كارڊ كڻي لائوڊ اسپيكر ذريعي سچل ڳوٺ جي مين گيٽ جي ٽري اسٽاپ تائين احتجاجي ريلي مظاهرو چونڊيل نمائندن خلاف نعريبازي خبرموجب كراچي سچل ڳوٺ ۾ پاڻي جي كوٽ ترقياتي كم نه ٿيڻ بجلي گئس جي ڊگهي ٿيندڙ لوڊشيڊنگ ۽ وڌندڙ بدامنيءَ خلاف سچل فرينڊس ايسوسيئيشن جي سڏ تي مختلف سياسي سماجي تنظيمن جماعت اسلامي پ پ شهيد ڀٽو فنكشنل مسلم ليگ سنڌ عوامي سٽ جسقم ۽ ٻين تنظيمن جي اڳواڻن كاركنن طرفان هٿن ۾ بئنر پلي كارڊ كڻي سچل ڳوٺ جي مين گيٽ كان جي ٽري اسٽاپ تائين لائوڊ اسپيكر ذريعي جي ٽري اسٽاپ تائين احتجاجي ريلي كڍي چونڊيل نمائندن خلاف سخت نعريبازي كئي ان موقعي تي نكتل احتجاجي ريلي كي خطاب كندي اڳواڻن سيف الله لاشاري، سمير ٻهر، بيدل مسرور، مولا بخش مهر، حفيظ بليدي، حماد پٽو، رياض كيمتيو عبدالحفيظ سولنگي سكندر ڏامراهه، عبدالمجيد پٽي نويد مارفاڻي چيو ته سچل ڳوٺ جي اندر پاڻي جو شديد بحران پيدا ٿيل آهي جڏهن ته گئس بجلي جي ڊگهي لوڊ شيڊنگ سبب پڻ سخت پريشانيءَ جو شكار آهيون روزيدار ماڻهو سخت ڏكيائن كي منهن ڏئي رهيا آهن جڏهن ته وڌندڙ بدامنيءَ سبب ماڻهن جو گهرن كان ٻاهر نكرڻ مشكل بڻيل آهي هنن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته سچل ڳوٺ جي ترقياتي كمن لاءِ ميئر كراچي مرتضيٰ وهاب طرفان 32 كروڙن جي ميگا اسكيم ڏني وئي آهي مگر ترقياتي كم كٿي به نظر كونه ٿو اچي ترقياتي كمن لاءِ ملندڙ رقم لڳي ٿو كرپشن جي ور چڙهي وئي آهي يوسي سچل ڳوٺ جي چيئرمين تاج محمد وساڻ كي ماهوار 12 لك روپيا ڏنا وڃن ٿا مگر ٽكي جو به كٿي كم نٿو كيو وڃي سموري رقم هڙپ كئي وڃي ٿي هنن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته صفوران ٽائون چيئرمين راشد خاصخيلي پاڻ هڪ قبضا خور آهي جيكو صفوران ٽائون جي چيئرمين شپ ملڻ بعد وڌيڪ كرپٽ بڻجي ويو آهي جيكو پنهنجي خاص ركيل پرائيوٽ ماڻهو بادشاهه چانڊيو جي ذريعي كرپشن كري رهيو جيكو انتهائي درجي جو بداخلاق هجڻ سان گڏ صفوران ٽائون جي ماڻهن سان زيادتيون كري رهيو آهي آهي هنن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته هڪ طرف صفوران ٽائون كي ماهوار پنج كروڙ جي لڳ ڀڳ مليل رقم بجيٽ واري رقم هڙپ كئي وڃي ٿي ته ٻئي طرف مختلف ٽيكس جي نالي تي ماڻهن كان ڀتو ورتو پيو وڃي نه ڏيندڙ ماڻهن كي تنگ ۽ پريشان كيو پيو وڃي هنن چيو ته كراچي اندر سچل ڳوٺ جي هڪ الڳ سڃاڻپ آهي مگر سچل ڳوٺ جي اڳ كان به حالت بدتر خراب آهي هنن چيو ته سچل ڳوٺ سميت آس پاس جي علائقن ۾ جلد پاڻي فراهم كري بجلي گئس جي لوڊشيڊنگ ختم كري سچل ڳوٺ ۽ آس پاس جي علائقن اندر جلد ترقياتي كم شروع كرايا وڃن ٻئي صورت ۾ جلد وري ٻيهر سخت احتجاج كيو ويندو

بقايا ----------- 34

شهباز شريف پاران اڙان پاكستان پروگرام تحت بيت المال پاكستان جي تعاون سان سينٽرل جيل ون (ڊسٽركٽ) سكر ۾ قيد قيدين ۽ پوليس اهلكارن لاءِ روزي افطار جو انتظام كيو ويو افطار پروگرام جي افتتاح جي موقعي تي پاكستان مسلم ليگ ن ضلعي سكر جي سينيئر اڳواڻ حاجي طاهر مغل، سكر بيت المال جي شبيراحمد ميمڻ سميت ٻين معزز شخصيتن شركت كئي ۽ قيدين سميت پوليس اهلكارن ۾ افطار تحفا ورهايا ويا، ان موقعي تي مشهور واپاري اڳواڻ ۽ ن ليگ جي سينيئر اڳواڻ حاجي طاهر مغل ۽ ٻين جو چوڻ هو ته وزيراعظم پاكستان ميان شهباز شريف جو 5 سالا اڙان پاكستان پروگرام پائيدار ترقي جو جامع روڊ ميپ آهي.

بقايا ----------- 35

سائيكل چوري تفصيل موجب بدين پوليس خاص كري سٽي ۽ ماڊل ٿاڻي تي ڊگهي عرصي كان مقرر ٻن پوليس آفيسرن جي نااهلي سبب بدين شهر ۾ ڏينهن ڏٺي رات موٽر سائيكل چوري وارو سلسلو ركجي نه سگهيو آهي ان ڏس ۾ نامعلوم چور آچر واري ڏينهن شهر جي كڍڻ روڊ تي وين اسٽاپ تان نياز شيدي جي موٽر سائيكل چوري كري فرار ٿي ويا جنهن جي رپورٽ سٽي ٿاڻي تي داخل كئي وئي آهي شهر گذريل هڪ مهيني دوران 10 كان مٿي موٽر سائيكل چوري ٿيڻ جي باوجود ماڊل توڙي سٽي ٿاڻي تي مقرر پوليس آفيسر كنهن به چور كي گرفتار نه كري سگهيا آهن جنهن سبب شهرين ۾ عدم تحفظ سان گڏ ڳڻتي جي لهر ڇانئيل آهي

لاتعلقيءَ بابت اطلاع

آئون نالي عبدالغني ولد مرحوم عبدالرسول گرماڻي بلوچ ويٺل محلو نظاماڻي خيرپور شناختي ڪارڊ نمبر: 45203_0389989_7 جيئن ته منهنجو پاءُ نالي عبدالرزاق جنهن پنهنجي اولاد خصوصن پنهنجي پٽ نالي توفيق احمد کي نافرمان ٿيڻ ڪري لاتعلق ڪيو آهي. جنهن جو مختلف اخبارن (هرهڪ روزاني نجات بتاريخ 16 فيبروري 2025، روزاني پاڪ بتاريخ 16 فيبروري 2025 ۽ روزاني سوڀ بتاريخ 15 فيبروري 2025) ۾ بيان آيل آهي. ان روشنيءَ ۾ مون کي، منهنجي اولاد ۽ ٻين گهر ڀاتين کي توفيق احمد ۽ سندس ساٿين مان جاني، مالي ۽ اخلاقي نقصان ٿيڻ جو خطرو آهي. ڇاڪاڻ ته توفيق احمد منهنجي، منهنجي اولاد ۽ منهنجي گهر ڀاتين لاءِ مختلف وقتن تي غلط بياني ڪندو رهيو آهي ۽ بري صحبت ۾ اچي ويو آهي. تنهنڪري ان جي قول فعل، ڏيتي ليتي ۽ ان جي غلط حرڪتن سان منهنجو، منهنجي اولاد ۽ ٻين گهرڀاتين جو ڪوبه تعلق نه آهي جنهن جو هو خود ذميوار آهي ۽ رهندو. هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

المشتهر: عبدالغني گرماڻي بلوچ، ويٺل محلا نظاماڻي خيرپور

بقايا ----------- 01

جيان ڪاهي پئي. ڳوٺاڻن جي مزاحمت تي ايس ايڇ او محسن جمالي جا ڪپڙا ليڙون ليڙون .ٽيون ڏنڊا لڳڻ ڪري زخمي - پوليس کان سرڪاري هٿيار کسي ورتا - ايس ايڇ او ڀڄي جان ڇڏائي. ڳوٺاڻن جو پوليس گردي خلاف احتجاج. ميهڙ پوليس ڌاڙيلن جيان گهرن ۾ ڪاهي پئي. اسان جا 2 ڄڻا صدام خاصخيلي .بخشل خاصخيلي زخمي ٿي پيا آهن. نوجوان ناري سويرا خاصخيلي پنهنجي چاهيندڙ فياض خاصخيلي سان هڪ سال اڳ هاءِ ڪورٽ ۾ پيار جو ورڻو ڪري ڇڏيو آهي . پر ميهڙ پوليس مخالف ڌر کان رشوت وٺي چڙهائي ڪري ٿي - ايس ايس پي دادو کان نوٽيس وٺڻ جي گهر ڪئي- تفصيل موجب ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي جو ايس ايڇ او محسن جمالي پوليس اتالا ساڻ ڪري ڳوٺ ڳاهي خان سيلرا ۾ مبينا طور نوجوان ناري سويرا خاصخيلي جي بازيابي لاءِ ميهڙ پوليس جي محب علي خاصخيلي جي گهر تي چڙهائي ڪئي. گهرن ۾ پيچ ٻاهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته گهر ڌڻي ۽ ڳوٺاڻن پوليس سان مزاحمت ڪئي ۽ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ ايس ايڇ او محسن جمالي جا ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿي پيا .ٽيون ڏنڊا لڳڻ ڪري زخمي ٿي پيو جنهن ڀڄي جان ڇڏائي - جڏهن ته اطلاع هيا ته ڳوٺاڻن پوليس کان سرڪاري هٿيار کسي ويا . جڏهن ته ڪجهه ڳوٺاڻن جي مداخلت تي هٿيار پوليس کي واپس ڪيا ويا. جڏهن ته گهر ڌڻي صدام خاصخيلي ۽ بخشل پوليس جي ڏنڊن سان زخمي ٿي پيا جيڪي رتورت هيا . هوڏانهن ڳوٺاڻن. محب خاصخيلي. امام الدين خاصخيلي. حبدار خاصخيلي.۽ ٻين پوليس گردي خلاف احتجاج ڪندي چيو ته ميهڙ پوليس بنا جواز ڌاڙيلن جيان گهرن ۾ ڪاهي پئي آهي. هنن هڪ سال اڳ چيو ته نوجوان ناري سويران خاصخيلي فياض خاصخيلي سان نڪري وئي جنهن هاءِ ڪورٽ ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي. هنن چيو ته ميهڙ پوليس اسان جي مردن ۽ عورتن تي تشدد ڪيو آهي. اسان جا 2 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا آهن. گهرن پيل سامان به ڪٽي ويا آهن. هنن آءِ جي سنڌ. ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته پوليس جي بنا جواز چڙهائي جو نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي. هوڏانهن ايس ايڇ او ميهڙ محسن جمالي جي فريادي تي خاصخيلي برادري جي بابر خاصخيلي - عبدالخالق سميت 67 ماڻهن مٿان پوليس سان ڊيوٽي اتڪاءِ جو دهشگردي جا سيڪشن هٽي ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي. جڏهن ته 17 ڄڻا نامينٽ ڪيا ويا آهن. جڏهن ته گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي آهي.

بقايا ----------- 02

لاشاري هائوس مڪلي تي ٿي گڏيو اجلاس ۾ مرڪزي اڳواڻ عبدالقادر رانتو ۽ مجيد ساگر پرهياڙ خصوصي طور شرڪت ڪئي اجلاس ۾ تنظيمي ۽ سياسي صورتحال جو جائزو ورتو ۽ فيصلا ڪيا ويا اجلاس ۾ 14 مارچ دريائن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي دولهه دريا خان پل وٽ دريا کي پيتا پيش ڪرڻ جو خاص فيصلو ڪيو ويو ۽ 21مارچ تي ور شهر ۾. 23 مارچ تي ميرپور ساڪرو. 26 مارچ تي جنگشاهي ۾ ۽ 6 اپريل تي ٻگهاڻ شهر ۾ اعلانيل 6 ڪئنالن خلاف عوامي تحريڪ شاندار احتجاجي ريليون ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ان موقعي مرڪزي اڳواڻ عبدالقادر رانتي چيو ته سرڪار پاران سنڌو درياءَ تي ڪئنال ناهي سنڌ کي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي پر حڪمران کي سمجهڻ گهرجي ته سنڌ عوام انهن کي ان سازش ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندو هن چيو ته عوامي تحريڪ ان سازش خلاف مسلسل جدوجهد جي ميدان ۾ آهي هن چيو ته سنڌو درياهه تي تعمير ٿيندڙ 6 ڪئنالن جي ڪري سنڌ جو ڊيلٽا ئي علائقن ۾ وڌيڪ تباهي ايندي ساري سنڌ خاص ڪري ٺٽو جو وسيع علائقا خشڪ سالي جي ور چڙهي ويندو اجلاس ۾ شاهه محمد چانگ، رياض عباسي، ادريس پليجو، مارو خشڪ، احمد خشڪ، امان الله بروهي، اسلم سمون، الهبخش بلوچ، مجاهد بلوچ سميت ٻين ميمبرن شرڪت ڪئي

بقايا ----------- 03

عرف پيو پٽ علي انور ڪلهوڙو جي نالي سان ٿي آهي. ايس ايس پي شاهزيب چاچڙ مارجي ويل ڌوهاري جو ٽولو آهي جيڪو لاڙڪاڻي روڊ سميت مديجي، ڳڙهي ياسين، ڊڪڻ ۽ ٻين علائقن ۾ رڪاوٽون وجهي ڪري ڦرلٽ ڪرڻ ۾ سرگرم هو جنهن ۾ وڏو ڌوهاري مارجي ويو ۽ سندس جا ٻيا زخمي ساٿي اونداهيءَ جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا . مارجي ويل ڌوهاري جي مٿان 7 ستن کان وڌيڪ ڪيس داخل آهن. ڌوهاري ريڪارڊ حاصل ٿيل ۾ ملير ضلعي، ڪراچي، لاڙڪاڻو ۽ شڪارپور جي مختلف ٿاڻن ۾ پڻ اشتهاري گهربل هو مارجي ويل ڌوهاري جي مٿان ڦر، قتل، پوليس مقابلن، دهشتگردي ۽ ٻيا ڪيترائي سنگين ڪيس داخل اٿس. مارجي ويل ڌوهاري هڪ پيشوار ڌوهاري هو جيڪو اڳ ۾ به شاهه لطيف ٿاڻي، ڪراچي، ملير ضلعي ۾ درج ٿيل ڦرلٽ ۽ غير قانوني هٿيار رکڻ جي ڪيسن ۾ جيل ويو هو. مارجي ويل ڌاڙيل جو ڌوهاري ڪرمنل رڪارڊ ظاهر ٿيو 1. ڪيس نمبر 19/2022 سيڪشن 323,353,6/7 ATA ٿاڻو چيڪ 2. ڪيس نمبر 13/2022 سيڪشن 323,353,337 Hii,427 ۽ ATA 6/7 ٿاڻو سلطان ڪوٽ 3. ڪيس نمبر 01/2015 سيڪشن 506/2، ٿاڻو جهبر شيخ 4. ڪيس نمبر 03/2009 سيڪشن 337 Ai، Fi، 148،149، ٿاڻو جهبر شيخ 5. ڪيس نمبر 01/2002 سيڪشن 381،148،149، ڳڙهي خدا بخش ٿاڻو ضلعو لاڙڪاڻو 6. ڪيس نمبر 1153/2024 سيڪشن 392,394، شاهه لطيف ٿاڻو ضلعو ملير، ڪراچي 7. ڪيس نمبر 1156/2024 سيڪشن 23iA، شاهه لطيف ٿاڻو ضلعو ملير، ڪراچي مارجي ويل ڌاڙيل جي وڌيڪ ڌوهاري رڪارڊ جي ٻين ضلعن مان به جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا ----------- 04

جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو. ٽنڊو مٺا خان لڳ ڳوٺ ڪاري سري جي ماڇي برادري سان تعلق رکندڙ پورهيتن فقير محمد ماڇي، احمد ماڇي ۽ صابو ماڇي احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته رضا محمد راڄڙ ڪاٺين جهنگ مان ڪاٺيون ڪرڻ جا پئسا وٺي ٿو ۽ هاڻي ٻيهر ڪاٺيون وڍڻ تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. پورهيتن جو چوڻ آهي ته رضا محمد راڄڙ تازو ئي ڪاٺين 5000 روپيا روڪ رشوت وٺي ويو ۽ چئي ويو ته جيڪڏهن ڪاٺيون ڪرڻيون آهن ته مون کي پئسا ڏيڻا پوندا، ٻي صورت ۾ ڪاٺيون نه ڪرڻ ڏيندس. پورهيتن جو چوڻ آهي ته هو غريب ۽ مسڪين ماڻهو آهن. جيڪي سڪل ڪاٺيون وڍي شهر ۾ وڪڻي پنهنجو گذر سفر ڪن ٿا، پر انهن تي بيجا ڏاڍائي ڪئي پئي وڃي.

بقايا ----------- 05

ڪئنالن جي اڏاوت خلاف لکي غلام شاهه مين سڊر شڪارپور روڊ تي احتجاجي ڪئمپ قائم ڪئي وئي جنهن جي اڳواڻي جسقم جو سينيئر اڳواڻ ميان عبدالسميع بلالي. اسلام الدين لوهر بلوچ ۽ ٻين ڪئي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياءَ تي 6 ڪئنالن جي اڏوات اسان جي موت ۽ زندگي جو سوال آهي سنڌي قوم ڪڏهن به انهن ڪئنالن کي برداشت نه ڪندي هنن چيو ته جيسيتائين 6 ڪئنالن جو منصوبو رد نه ڪيو ويندو اسان جو سخت احتجاج جاري رهندو اڳواڻ چيو ته لکي غلام شاهه واسي صحت جي سهولتن کان وانجهيل آهن هنن کي صحت جون سهولتون پڻ ڏنيون وڃن

بقايا ----------- 06

تفصيل موجب ٽنڊو باگو پريس ڪلب جي صدر ۽ سينئر صحافي انور عباسي کي 6 مهينا پراڻي ڪوڙي ڪيس ۾ ٿرپارڪر پوليس طرفان گرفتار ڪرڻ خلاف بدين ۾ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري شفيع جوٽيجو پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شڪور ميمڻ ايوان صحافت جي صدر حاجي خالد محمود گهمڻ سينئر صحافين عمران عباس خواجه اشرف ميمڻ هارون گوپانگ انيس ميمڻ ديدار ملاح فرحان ميمڻ اعجاز مينگل مير شڪيل ڪوسڪي جي وهاب پناڻ تلهار جي صديق ٿيٻو ۽ ٻين جي اڳواڻي ايوان صحافت کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو جنهن کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ جمهوريت جون دعوائون ڪندڙ پيپلزپارٽي سرڪار سچ لکڻ تي صحافين انتقامي ڪاروائين تي لهي آئي آهي سنڌ پوليس جو آئي جي پنهنجي ئي ضلع ۾ صحافين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي هنن چيو ته ٿرپارڪر پوليس پنهنجي روائت برقرار رکندي ٿرپارڪر جي سياسي پوتارن وڏيرن پٽيلن جي ونگار وهندي صحافي انور عباسي کي 6 مهينا پهرين داخل ڪوڙي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو آهي صحافي انور عباسي جو ڏوهه صرف اهو آهي ته هن ٽنڊوباگو ۾ ٽر جي سياست ڪندڙ چونڊيل نمائندن کي آئينو ڏيکاريو آهي هنن مطالبو ڪيو ته صحافي انور عباسي کي فورن آزاد ڪيو وڃي سندس غير قانوني گرفتاري ۾ ملوث پوليس آفيسرن خلاف قدم کنيو وڃي

بقايا ----------- 07

علائقي ۾ نصيراڻي ۽ اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻو خوني تڪرار ٻيهر ڀڙڪي اٿيو نصيراڻي برادري جي هٿيار بندن نورحسن ۽ ميرحسن اوڳاهي جي اوطاق تي ڪاهه ڪري سندن چوپايو مال ڪاهڻ جي ڪوشش دوران ٻنهي ڌرين جي هڪ ٻئي مٿان فائرنگ ڪري ڏني فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ اوڳاهي برادري جا پنج ڏور گولين لڳڻ سبب مري ويا آهن جڏهن ته ڪوبه جاني نقصان نه ٿيو حد جي پوليس واقعي واري هنڌ نه پهتي جهيڙو نورحسن اوڳاهي ۽ سودي نصيراڻي واري ڌر ۾ هلندڙ آهي ٻئي پاسي فائرنگ سبب علائقو جنگ جو ميدان بڻجي ويو علائقي واسي خوف سبب گهرن ۾ لڪي ويا رابطي ڪرڻ تي ڳوٺ جي چڱي مڙس ستار ٽاڪرو صحافين کي ٻڌايو ته نصيراڻي برادري جي هٿيار بندن ناحق اسانجي چوپائي مال کي گوليون هڻي پنج ڏور ماري ڇڏيا

بقايا ----------- 08

چوري ڪري فرار ڪنڊيارو جي نيو بکري محلي مان نامعلوم چاٻي چور مشتاق ڪوڪر جي سي ڊي موٽر سائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا. آهڙو اطلاع ڪنڊيارو ٿاڻي تي ڏنو ويو آهي.

بقايا ----------- 09

ايمپاورمينٽ فائونڊيشن ۽ پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ طرفان عورتن جو عالمي ڏهاڙو 8 مارچ يونين ڪونسل سطح تي ملهايو ويو پروگرام ۾ سوشل ويلفيئر آفيسر فاروق احمد ڪنيار تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر شبير احمد هنگورجو ضلع ڪائونسل چيئرمين سانگهڙ جي پرسنل اسسٽنٽ فضل مري سماجي نوجوان اڳواڻ مير حسن مري امر سنڌو منصور ڪنيرو آئي سي اي ايف جي ٽيم جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر امير حمزه سولنگي سردار حبيب مري ميڊم ثمينہ مانيٽرنگ آفيسر ٽريننگ ڪوآرڊينيٽر عبيد هنگورو ميڊم شهزادي بلوچ اياز علي چانيو ۽ نوجوانن استادن شاگردن ۽ عورتن وڏي تعداد پڻ شرڪت ڪئي پروگرام ۾ اسڪولي شاگردن مختلف ٽيبلو پيش ڪيا ۽ عورتن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان تقريرون پڻ ڪيون ڳوٺاڻي تنظيم جيئي لطيف جي صدر مير محمد منگريو ميمبرن محمد عارب منگريو عورت ميمبرن حواءِ ڏاٽي ۽ ميوو خاصخيلي جي ڳوٺاڻي تنظيم جي عهديدار ثمينا خاصخيلي پڻ تقريرون ڪيون انهن چيو ته هي تاريخ ۾ پهريون دفعو ٿيو آهي ته عورتن جو عالمي ڏينهن پسمانده علائقي ۾ ڪرايو ويو ۽ اسان کي اڄ اها به خبر پئي آهي ته اسان عورتن جو به ڪو عالمي ڏينهن هوندو آهي جيڪو پوري دنيا پئي ملهائي هن ڏينهن تي اسان کي تمام گهڻو اتساهه مليو آهي ته جنهن ۾ عورتن جا حق ڪهڙا آهن ۽ تعليم، ترقي ۽ سياست ۾ عورتن جو ڪردار ڪهڙو هجڻ گهرجي اسين ڪوشش ڪنداسين ته برابري جي بنياد تي مرد ۽ عورتون ملي ڪري چوڪرين ۽ چوڪرن جي تعليم کي يقيني بڻائڻ حق تلفي نه ڪرڻ ۽ ڳوٺن جي ترقي ۾ عورتن جو ڪردار هجڻ لازمي آهي انهي موقعي تي ڳوٺاڻي تنظيم مهراڻ منگريو طرفان هٿ جي هنر جو اسٽال پڻ لڳايو ويو ۽ شاگردن نياڻين جي تعليم کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هڪ بهترين ٽيبلو پڻ پيش ڪيا ويا پروگرام ۾ سيني مقررن عورتن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان تقريرون ڪيون ويون

بقايا ----------- 10

صدر زبير احمد پيو پاران پيپلز ليبر بيورو جي دوستن لاءِ هڪ شاندار افطار پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو افطار پارٽي ۾ پيپلز ليبر بيورو سکر ڊويزن جي صدر اڪبر سارنگ چانڊيو، پيپلز ليبر بيورو ضلع سکر جي جنرل سيڪريٽري علي مردان شيخ، زاهد لاشاري، جمال نوناري، ممتاز ڪوسو سٽي جي صدر لالا سيف الرحمان خان، جنرل سيڪريٽري آغا بشير ترين ۽ پيپلز ليبر بيورو سکر سٽي جي عهديدارن حبيب الله پنهور، انفارميشن سيڪريٽري علي حسن منگي، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ماجد علي ڪوسو ۽ ميڊيا ڪوآرڊينيٽر امداد علي ڪلوڙ پڻ شرڪت ڪئي، اڪبر سارنگ چانڊيو ۽ زبير احمد پيو پنهنجي خطاب ۾ چيو ته رمضان ڪريم رحمتن جو مهينو آهي، جنهن ۾ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن کي مغفرت ۽ برڪت جو سامان عطا فرمائي ٿو رمضان جو مهينو انسانيت، قرباني، صبر ۽ برداشت جو مهينو آهي. ان مهيني ۾ ضرورت مند ماڻهن جي مدد ڪرڻ، افطار ۾ ٻين کي شامل ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي سان محبت رواداري سان پيش اچڻ جو خاص وقت آهي. هنن چيو ته پيپلز ليبر بيورو هميشہ عوام جي خلمت ۾ پيش پيش رهيو آهي

بقايا ----------- 11

پريس ڪلب راڻيپور پهتي، ريليءَ ۾ شريڪ ماڻهن جي هٿن ۾ نعرن وارا پلي ڪارڊ ۽ بينر ڪنيل هئا. جن تي سنڌو درياءَ تي سمورا ڪئنال نامنظور جا نعرا لکيل هئا. ريلي ۾ وڪيلن، شاگردن، صحافين، سياسي سماجي، قومپرستن جسقم جساف، ايس ٽي پي، جسقم (بشير خان)، جسقم (آريسر) ، شهيد ڀٽو تحريڪ لبيڪ، پي ٽي آءِ، مجلس وحدت المسلمين، شيعا علماءِ ڪائونسل، جي ڊبليو سي، صحافي اتحاد، هيومن رائيٽرس، شاهه لطيف فائونڊيشن سميت مختلف سياسي سماجي، هارين سميت هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي، ريلي جي اڳواڻي پريس ڪلب راڻيپور صدر اڪبر شاهاڻي، جيئي سنڌ قومي محاذ وائيس چيئرمين امجد خان مهيسر، اياز ڪورائي، اصغر ڪورائي، گسٽا مرڪزي صدر مقصود مهيسر، استاد اصغر جعفري، جسقم بشير خان قريشي جي مرڪزي اڳواڻ فقير امداد منگي، ڪرم ساميٽيو مجيب آزاد پيلار، صوفي ياسين راڄپر، عبدالرحيم سولنگي، صحافي فاروق دايو فياض راڄپر، مير حسن بوزدار، لالڻ ويسر، گمبٽ بار جي صدر ايڊووڪيٽ فدا حسين جامڙو، جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ منور شيخ، تحريڪ انصاف مرڪزي اڳواڻ سيد احمد علي شاهه، عرفان شاهاڻي، فياض عباسي، ايس ٽي پي ڊويزن صدر محمد علي شيخ شفقت مهيسر، ڊاڪٽر ذاڪر سولنگي، رضا راڄپر، شهيد ڀٽو ضلعي صدر ضمير سولنگي، شيعا علماءِ ڪائونسل اڳواڻ مولانا سيد محسن علي شاهه، مجلس وحدت المسلمين اڳواڻ مولانا صفدر ملاح، تحريڪ لبيڪ اڳواڻ مولانا فهيم سرڪي، سنڌي ادبي سنگت لالڻ چنا، مختيار چنا، پي ٽي الف استاد امير سهتو يونين آف جرنلسٽ ضلعي جنرل سيڪريٽري نويد کهڙو، قربان علي منگي، سيد پياس علي شاهه، آبادگار اڳواڻ اصغر وساڻ، نبي بخش ڪلهوڙو، امتياز پيلار، ضمير حسين شاهاڻي، گل محمد پناڻ، نيڪ محمد پناڻ، نور زمان پناڻ، هندو برادري اڳواڻ مڪيش ڪمار، سنيل ڪمار، جيئي سنڌ قومي محاذ مرڪزي اڳواڻ ايڊوڪيٽ سجاد سولنگي، ساجد مگريو، ثناءُ الله جامڙو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌو درياءَ مٿان ڇهه ڪئنال ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن. سنڌو درياءَ مان نڪرندڙ غير قانوني ڪينالن جي خاتمي تائين اسان جي هي جدوجهد جاري رهندي، سنڌ جون تمام قومپرست جماعتون سنڌو درياءَ مان نڪرندڙ غيرقانوني ڪينالن کي مڪمل طور تي رد ڪن ٿيون. سنڌو درياءَ اسان جي جياپي جو سهارو آهي، ڪنهن به صورت ۾ نوان غير قانوني ڪينال قبول نه آهن. سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ تي سنڌ جي زرخيز زمين ۽ ان جي زراعت تي مقامي ماڻهن جي روزگار ۽ شهرن جي واڌ ويجهه جو دارو مدار آهي. اسان کي لڳي رهيو آهي ته اهو هڪ سازش تحت سنڌو نديءَ جو پاڻي ڦٻائڻ لاءِ ڇهن نون ڪئنالن جي اڏاوت جو منصوبو جوڙيو ويو آهي. جنهن سان سنڌي عوام جو معاشي قتل ڪيو پيو وڃي. جيڪو اسان ڪڏهن به قبول نه ڪنداسين هي پنجاب جي چولستان جي زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ کي بنجر بڻايو پيو وڃي. چولستان کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين کي بنجر بڻائڻ جي سازش آهي. هنن وڌيڪ اهو پڻ چيو ته پنجاب پاران ڇهن ڪئنالن ڪڍڻ هڪ سنڌ دشمن ۽ عوام دشمن منصوبو آهي. جنهن کي هر هڪ سنڌي جائو مڪمل طور تي رد ڪري ٿو.

بقايا ----------- 12

عباس ولد عبدالغنر، غلام قادر عرف نانا بروهي، گل حسن، سليمان بروهي، خليل بروهي، آصف بروهي، مظفر عرف چاچو بروهي، فرحان، بابر، ڏاڏو بروهي سميت 5 نامعلوم ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي پوليس پاران غير قانوني هٿيار هٿ اچڻ تي فاروق بروهي، غلام علي ۽ آفتاب تي الڳ الڳ هٿيار هٿ اچڻ جا ڪيس داخل ڪري ورتا آهن، پوليس ايف آئي آر ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته هٿيار بندن جي اطلاع تي اسان ڳوٺ نور خان بروهي ۾ پهتاسين جتي سردار امير بخش بروهي جي اوطاق وٽ جيئن ئي پهتاسين ته انهن فائرنگ شروع ڪري ڇڏي جوابي فائرنگ بعد 4 ڄڻن کي حراست ۾ ورتو سين جن وٽان هٿيار هٿ آيا هوڏانهن پوليس گرفتار ٿيلن جي ريمانڊ لاءِ ڪين سيشن جج سانگهڙ ڪٺي وئي، ٻي طرف بروهي اتحاد جي اڳواڻ رييس خدا ڏادا بروهي، نظير احمد بروهي ۽ ٻين واقعي تي سخت رد عمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته پوليس بلاجواز ڳوٺ تي چڙهائي ڪيي آهي جڏنهن ته ڪابه شئ هٿ ناهي آئي، اسان جي بزرگ سردار امير بخش بروهي سميت ٻين تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو اٿن جنهن جي مذمت ڪيون ٿا ۽ اسان قانوني جنگ ڪنداسين.

بقايا ----------- 13

ٻٽيل، جنهن سبب معصوم شاگرد ۽ شاگرديائيون تعليم جهڙي انمول زيور کان محروم ٿي رهيا آهن ڳوٺاڻن، شاگردن ۽ استادن جو چوڻ آهي ته 2016 کان اسڪول جي عمارت تمام خراب حالت ۾ آهي، جتي نه فرنيچر موجود آهي، نه ئي صاف پيئڻ جو پاڻي. معصوم ٻارڙا کليل آسمان هيٺ ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور آهن، جيڪو سندن مستقبل لاءِ ڳڻتي جوڳو معاملو آهي. ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته هنن ڪيترائي ڀيرا ايم اين اي سيد نويد قمر ۽ ايم پي اي خرم ڪريم سومرو کي درخواستون ڏنيون، پر چونڊيل نمائندا ۽ وس وارا ادارا هن اسڪول تي ڪو به ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن ڳوٺاڻن، شاگردن ۽ استادن سنڌ حڪومت ۽ وس وارن ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول جي عمارت جي تڪڙي نئين سر تعمير ڪرائي وڃي، ته جيئن معصوم شاگردن جو مستقبل محفوظ ۽ روشن ٿي سگهي.

بقايا ----------- 14

جيڪا شهر جي مختلف روڊ رستن تان ٿيندي پريس ڪلب پهتي جتي هنن هٿن ۾ پلي ڪارڊ هارميني، ڊولڪ ۽ يڪتارو ڇيڙي وڃائي "سنڌڙي تي سر ڪير نه ڏيندو" جهڙا گيت ڳائي سنڌو درياهه کي ڀيٽا پيش ڪئي. ان موقعي تي فنڪارن غلام شبير سمون، ايوب گاد، سڄڻ مائري، سهڻي ناز، اعجاز سولنگي، ستار لاڙ، هادي ٻگٽي، فدا ڪوڪر، رفيق ابڙو، امجد ابڙو ۽ ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته پاڻيءَ جي مسئلي تي اسان کي سنجيدگيءَ سان سوچڻو پوندو ته هي صرف فنڪارن يا اديبن جو مسئلو نه پر سنڌ جي هر ماڻهوءَ جو مسئلو آهي. اڳواڻن چيو ته پاڻي زندگيءَ جي بقا جو سبب آهي، هنن چيو ته سنڌ اڳ ئي پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي پر ان جي باوجود درياهه جي رستا روڪ ڪري ان مان ڪئنال ڪڍڻ کتان جو انصاف آهي. هنن چيو ته سنڌو مٿان 6 نوان ڪينال ڪڍڻ سنڌ سڪائڻ جي برابر آهي، جنهن کي سنڌ جو عوام ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندو. وفاقي حڪومت پاران سنڌو تي زبردستي ڪئنال اڏڻ سان سنڌ ۽ سنڌي قوم جي وجود کي خطرو آهي، سنڌ جي بقا کي نقصان ۽ خطري ۾ وجهندڙ ڪئنالن جي اسڪيم کي اسان لاڙڪاڻي جا ڏات ڌڻي فنڪار، اديب توڙي اداڪار هن احتجاج جي ذريعي رد ڪيون ٿا.

بقايا ----------- 15

حڪومت جي دور ۾ پيڇڙن جي مٽ تي وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف ڪيو ويو هو. وزيراعظم آفيس طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب پورٽ قاسم اٿارٽي زمين نندي ۽ وچولي انڊسٽريل پارڪ لاءِ ڏني وئي، زمين جي ليزنگ ۾ مالي بي ضابطگين جي جاچ 3 رڪني ڪميٽي ڪندي چيئرمين وزيراعظم انسپيڪشن ڪميشن ڪميٽي جي جا ڪنوينر مقرر ڪري ڇڏيا. جڏهن ته ڊائريڪٽر آءِ بي سراج الدين امجد ۽ ڊائريڪٽر ايف آءِ اي سيد شاهد حسين جاچ ڪميٽي جو حصو هوندا. ڪميٽي کي خصوصي ٽاسڪ به ڏنو ويو جنهن جي تحت ڪميٽي ليز کي ملتوي ڪرڻ خلاف حڪم امتناعي کي ختم ڪرڻ لاءِ پورٽ قاسم اٿارٽي کي قانوني حڪمت عملي جو جائزو وٺندي ۽ پورٽ قاسم اٿارٽي بورڊ طرفان مدعي سان عدالت کان ٻاهر معاهدو ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ ۾ غور ڪندڙ عوامل جي جاچ جي مجاز هوندي. ڪميٽي خاص طور تي ٻين قانوني معاملن جو عدالت کان ٻاهر تصفيه جي حمايت ڪرڻ جو به جائزو وٺندي. ٽي او آرز موجب ڪميٽي جاچ ڪندي ته پورٽ قاسم اٿارٽي معاهدي کان اڳ زمين جي قيمت جو نئين سري سان جائزو ورتو ۽ جاچ ڪندي ته ڇا موجوده مارڪيٽ قيمتن کي فيصلي ۾ شامل ڪيو ويو. ٽي او آرز موجب ڪميٽي انهي ڳالهه جو تعين ڪندي ته عدالت کان ٻاهر معاهدي جي آڇ تي مدعي جي انڪار تي فوري واپس ڇو نه ورتا ويا. ڪميٽي دير ۾ مددگار ثابت ٿيندڙ گورننس جي مسئلن جي نشاندهي ڪندي. ڪميٽي جاچ ۾ مدد لاءِ ضرورت موجب ڪنهن ٻئي ميمبر کي شريڪ ڪري سگهي ٿي. ساموندي معاملن واري وزارت، سيڪريٽريل مدد فراهم ڪندي. انڪوائري ڪميٽي ٻن هفتن جي اندر وزيراعظم کي پنهنجي رپورٽ پيش ڪندي. ياد رهي ته سينيٽ جي قائمہ ڪميٽي ۾ پورٽ قاسم اٿارٽي جو وڏو اسڪينڊل سامهون آيو هو جنهن جو فيصل واوڊا طرفان وڏو انڪشاف ڪيو ويو هو

بقايا ----------- 16

سسٽم ورهائڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ صوبائي ڳهرو ۽ پارلياماني معاملن واري وزير ضياءُ الحسن لنجار خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. تقريب ۾ قومي اسيمبلي جا ميمبر سيد ابرار حسين شاهه، ذوالفقار علي ٻهڻ، صوبائي اسيمبلي جا ميمبر سيد سرفراز حسين شاهه، سيد حسن علي شاهه، ممتاز علي چانڊيو ۽ ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين سهيل اختر عباسي شرڪت ڪئي. ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم، ايس ايس پي نوشهروفيروز سانگهڙ علي ملڪ، ميونسپل ڪميٽين ۽ ٽائون ڪميٽين جا چيئرمين ۽ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر لياقت علي لون، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر علي شان ملڪ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جا آفيسر پڻ موجود هئا. تقريب کي خطاب ڪندي ضياءُ الحسن لنجار چيو ته پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو چونڊ مهم دوران اعلان ڪيو هو ته عوام کي مفت بجلي فراهم ڪئي ويندي، ۽ اڄ سنڌ حڪومت هن پروگرام تي عمل ڪري رهي آهي. پهرين مرحلي ۾، سڄي سنڌ ۾ ٻه لک خاندانن کي سولر پينل فراهم ڪيا پيا وڃن. پيپلز پارٽي جي قيادت ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ جي اجازت نه ڏني. ڪينال به انهن کي ٻاهر نه ڇڏيندا. نوشهرو فيروز ۾ 6,500 خاندانن کي سولر پينل فراهم ڪيا پيا وڃن. عوامي حقن تي وفاقي حڪومت سان ڪا به سوديبازي نه ٿيندي. پيپلزپارٽي سنڌ جي ماڻهن سان گڏ بيٺي آهي. شهيد راڻي ۽ شهيد ڀٽو عوام جي حقن لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون.

بقايا ----------- 17

پارٽي جهنڊا کڻي احتجاجي مارچ ڪري دادو مورو روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، ڌرڻي سبب مورو، نوشهرو، نوابشاهه، لاڙڪاڻو ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ جام ٿي وئي، مظاهرين چيو ته سنڌ کي سڪائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي 6 ڪروڙ سنڌين جو جياپو سنڌو درياهه آهي نوان ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ بنجر بڻجي ويندي هنن چيو ته با اثر اميرن کي راضي ڪرڻ لاءِ چولستان جون زمينون آباد ڪري سنڌ جي عوام جو معاشي قتل ڪرڻ جي سازش ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين، سنڌي ماڻهو پنهنجن حقن خاطر روڊن تي نڪتل آهن پوري سنڌ سراپا احتجاج آهي پر وفاق پنهنجي هوڏ تي بيٺل آهي، هنن چيو ته سنڌ خلاف اڳ به ڪالاباغ ڊيم جي نالي سان سازش ڪري سنڌ جو پاڻي چوري ڪرڻ پئي چاهيون هاڻي وري چولستان کي آباد ڪرڻ جي نالي تي سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙي جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، هنن چيو ته سنڌو درياهه مان اڳ ئي پاڻي سنڌ کي گهٽ پيو ملي جنهن سبب سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون غير آباد آهن وري رهيل ڪثر 6 نوان ڪئنال اڏي سنڌي جي ماڻهن جو پاڻي چوري ڪرڻ ٿا چاهن جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو، پاڻي خاطر سنڌ جو ماڻهو وفاق خلاف روڊن تي نڪتو آهي ۽ واپس تڏهن ويندو جڏهن وفاق فيصلو واپس وٺندي.

بقايا ----------- 18

مٽياري پريس ڪلب جو صدر حبدار علي مشوري جنرل سيڪريٽري زنوار حسين چانڊيو سميت ٻين عهديدارن سينيئر صحافين مختيار سهتو، رياض چانڊيو ، زاهد پنهور، شوڪت ملڪ ڪئي جڏهن ته ريلي جي حمايت ۾ مختلف سياسي سماجي ۽ قوم پرست اڳواڻن جسقم ضلع نوشهرو فيروز جي آرگنائيزر فيصل مستوئي ،صوفي خالد چنا ايس يو پي جي فياض شيخ ،معراج سنڌي قومي عوامي تحريڪ مٽياري يونٽ جي صدر عرفان چانڊيو ايس ٽي پي ضلع نوشهرو فيروز جو اڳواڻ حبيب الله مشوري نيشنل پريس ڪلب نوشهروفيروز جو صدر ايم ظفر تگر ۽ شاگرد سجاڳ تحريڪ جي محسن ،سليم ، ارسلان ، شڪيل ۽ سماجي ورڪر شڪيل ڇڄڙو ،نبي بخش مستوئي ۽ شهباز مستوئي ضمير ڪوڪر شرڪت ڪئي ريلي ۾ شريڪ ماڻهن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ هئا جنهن تي سنڌو تي ڌاڙا نامنظور پاڻي تي ڌاڙا نامنظور ڪئنال سمورا نامنظور جا نعرا لکيل هئا ريلي ۾ شريڪ ماڻهن پاران سخت نعريبازي ڪندي شهر جي مين بازار کان ٿيندي سائين جي ايم سيد چوڪ تي پهتي جتي ريلي جي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌو مان نڪرندڙ 6 ڪئنال ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهن هي منصوبو سنڌ کي بنجر ڪرڻ برابر آهي سنڌ جي حصي جو پاڻي پهريائي پنجاب صوبو کٽي رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته چولستان جون بنجر زمينون آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ کي سڪائڻ جو هي 6 ڪئنال منصوبو اسان رد ٿا ڪيون ۽ جيسيتائين هي منصوبو رد نه ٿو ڪيو وڃي تيسيتائين هي احتجاج جاري رهندو

بقايا ----------- 19

آهي ته مسلمان ملڪ جي پهرين عورت وزير اعظم محترمہ شهيد بينظير ڀٽو جي نظريي مطابق پيپلز پارٽي واحد جماعت آهي جيڪا عورتن کي خودمختيار بڻائڻ تي يقين رکي ٿي، سنڌ حڪومت جي سرسو تحت غربت گهٽائڻ واري پروگرام تحت عورتن کي هنري سکيا، بغير وياج جي قرض فراهم ڪرڻ سميت گهر تعمير ڪرايا پيا وڃن ته جيئن ماڻهن جي غربت کي گهٽائي سندن حالت بهتر ڪري سگهجي. اهڙن خيالن جو اظهار هن گهوٽڪي ويجهو ڳوٺ عظيم ميٽڪ ۾ پيپلز پوورٽي ريڊڪشن پروگرام تحت هڪ ڪروڙ جي لاڳت سان وي آئي پي اسڪيم جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي سنڌ حڪومت جي ترجمان ڳالهائيندي چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت جي منشور روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان تحت پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پيپلز پوورٽي ريڊڪشن پروگرام شروع ڪيو جنهن تحت سنڌ جي ڳوٺن ۾ عورتن کي خودمختيار بڻائڻ لاءِ مختلف شعبن تي ڪم ڪيو پيو وڃي ان سلسلي ۾ عورتن کي هنري ۽ گهر ۾ سبزيون پوکڻ جي تربيت فراهم ڪرڻ سميت بغير وياج تي قرض فراهم ڪيا پيا وڃن ته جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهي پنهنجي خاندان کي خوشحال ڪري سگهن. هن چيو ته سنڌ حڪومت پاران شهري علائقن ۾ عورتن لاءِ پنڪ بس سروس شروع ڪرڻ بعد پنڪ اسڪوٽين جو پروگرام شروع ڪيو ويو آهي جنهن تحت موٽرسائيڪل هلائيندڙ عورتن کي گلابي اسڪوٽيون فراهم ڪيون وينديون اهڙو پروگرام تمام جلد گهوٽڪي ۾ به شروع ڪيو ويندو ته جيئن هتان جي عورتن کي به سهولتون ملي سگهن. هن چيو ته ڳوٺ عظيم ميٽڪ ۾ سنڌ حڪومت جي پروگرام تحت سرسو پاران بهترين ڪم ڪيو ويو آهي جنهن تحت هتان جون عورتون خودمختيار ٿيون آهن جن جو هنر ڏسي خوشي ٿئي پئي ته اسان جي پينرن ۾ بهترين هنر موجود آهي، ڳوٺ عظيم ميٽڪ کي چوڪرين لاءِ اسڪول ۽ صحت مرڪز ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسون تمام جلد ڪين سولر لائٽون فراهم ڪيون وينديون. ان موقعي تي هن ميڊيا سان ڳالهائيندي هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته پيپلز پارٽي جو سنڌو تي ڪئنالن خلاف واضع موقف آهي ان سلسلي ۾ وڏو وزير خط پڻ لکي چڪو آهي، اسين قانوني ۽ جمهوري طور لاڳاپيل فورم تي آواز اٿاريون پيا ته هي مسئلو ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ ۾ آندو وڃي ڇو ته هي ڪو عام مسئلو ناهي. افتتاحي تقريب ۾ سرسو جي ريجنل مئنيجر عامر عباس ۽ ڊسٽرڪٽ مئنيجر عاشق علي ڪلوڙ سميت ڳوٺ عظيم ميٽڪ جي عورتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا ----------- 20

ڪينال ڪڍڻ واري عمل خلاف ڪنڊڪوٽ پريس ڪلب جي سڏ تي مختلف سياسي سماجي ۽ سول سوسائٽي پاران هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاجي مظاهري ۾ شامل ماڻهن سنڌو تي ڌاڙو نامنظور- سنڌو مان ڪينال ڪڍڻ نامنظور- پاڻي خاطر جهيڙو آ جي شديد نعريبازي ڪندي صدر پريس ڪلب لياقت علي ڪوسو، يونين آف جرنلسٽ جي صدر علي حسن ملڪ .سينئر صحافي راجا گوپي چند حفيظ ملڪ .شهري اتحاد جي ڊاڪٽر ميهر چند. ايس يو پي اڳواڻ دلمراد ڏاهاڻي- ايس ٽي پي اڳواڻ اڪرم باجڪاڻي. جماعت اسلامي جي غلام مصطفي ميراڻي - قومي عوام تحريڪ جي فدا حسين محمداڻي .جسقم جي والي ڏنو سنڌي .جئي سنڌ محاذ اڳواڻ ڪامريڊ عباس باجڪاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين چيو ته ڪينال ڪڍڻ سنڌ خلاف هڪ وڏي سازش آهي ڪينال ڪڍي سنڌ جي زمين کي بنجر بڻايو پيو وڃي اڳ ۾ به سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ آهي سنڌو درياءَ سنڌ جي جياپي جو مسئلو آهي پاڻي کان بنا سنڌ نه رهندي اهڙي سازش ڪندڙ ڪن کولي ٻڌن 6 ڪروڙ سنڌي عوام ڪڏهن به ڪينال قبول نه ڪندا پاڻي خاطر مرڻ ۽ مارائڻ لاءِ به سنڌ جي عوام تيار آهي ڪينالن خلاف سنڌ جي عوام جو واضع موقف آهي ته سنڌو درياءَ جو سودو قبول نه ڪنداسين جيڪڏهن سنڌو درياءَ تي ڪينال ٺاهڻ وارو منصوبو رد نه روڪيو ويو ته سڄي سنڌ سراپا احتجاج هوندي جنهن کي روڪڻ وفاق جي وس کان ٻاهر هوندو

بقايا ----------- 21

تڪرار جي راڄوڻي نبيري لاءِ سردار حاڪم خان نوحاڻي جي سرپنچي ۾ ميهڙ جي شهنشاهه شادي هال ۾ جرڳو جرڳي ۾ ڪوسا ڌر جا رئيس بچل ڪوسو علي شير عرف سعيد ڪوسو، مگسي ڌر جا منظور مگسي، غلام حسين مگسي ۽ معززين ۽ چڱا مڙس نيڪ محمد ڪوسو، امتياز پاشا ڀٽ، سيد محمد شاهه بهادر خان مگسي، ناياب سرڪش ۽ ٻيا شريڪ . ڌرين تي مجموعي طور 3 ڪروڙ 49 لک 50 هزار ڏنڊ پيو مگسي ڌر تي 2 قتل 2 زخمي ،ڪوڙيون ايف آءِ آرز داخل ڪرائڻ ۽ چوپايو مال گم ڪرڻ تي 2 ڪروڙ 52 لک ڏنڊ، ڪوسا ڌر تي هڪ قتل ۽ عورت سميت ٻن زخمين ۽ 2 موٽر سائيڪل گم ڪرڻ تي 97 لک 50 هزار ڏنڊ، برڪت ڪوسي جي خون بابت مگسي ڌر ساک ڏئي آجي، اڳتي هلي مگسين تي خون ثابت ٿيو ته مٿن ڊبل ڏنڊ پوندو، ڌريون هڪٻئي ڏانهن ٽلو ميڙ ڪري وينديون، ڌريون ٽن مهينن ۾ ڏنڊ جي رقم ادا ڪنديون، آئنده فيصلي جي پيچڪڙي ڪندڙ ڪندڙ ڌر تي 2 ڪروڙ ڏنڊ پوندو، وڏي انگ ۾ پوليس الرٽ رهي ، تڪرار ۾ 4 ڄڻن صلاح ڪوسو عاشق ڪوسو پورهيت برڪت ڪوسو ڪامريڊ عالم مگسي جي قتل ٿيا هئا. خبر موجب ميهڙ پرسان ڳوٺ قاسم مگسي ۽ پنجابي جا پاڙ ۾ ڪوسا _ مگسي ڌرين ۾ پاڻي ۽ زرعي زمين تان 9 سالن کان هلندڙ تڪرار جي راڄوڻي نبيري لاءِ سردار حاڪم خان نوحاڻي جي سرپنچي ۾ ميهڙ جي شهنشاهه شادي هال ۾ جرڳو ٿيو ، جرڳي ۾ علائقي جا معززين ، چڱا مڙس ۽ سياسي، سماجي اڳواڻ نيڪ محمد ڪوسو، امتياز پاشا ڀٽ، پير آف ميهڙ سيد محمد شاهه، نواب بهادر خان مگسي، نامياري شاعره ناياب سرڪش، علي بخش ڪوسو، عبدالرحمان ڪوسو، سليم چانڊيو ، عرفان مگسي، انجنيئر مبين مگسي توڙي تڪراري ڌرين ڪوسا ڌر جا رئيس بچل ڪوسو علي شير عرف سعيد ڪوسو مگسي ڌر جا منظور مگسي، غلام حسين مگسي سميت سوين ماڻهو شريڪ ٿيا ، ڌرين تي مجموعي طور 3 ڪروڙ 49لک 50 هزار ڏنڊ پيو جرڳي ۾ مگسي ڌر تي 2 ڄڻن صلاح ڪوسو ۽ عاشق ڪوسو جي قتل، بچل ڪوسو ۽ مختيار ڪوسو سميت 2 ڄڻن کي زخمي ڪرڻ ، ڪوڙيون ايف آءِ آرز داخل ڪرائڻ ۽ 72 ڍور چوپايو مال گم ڪرڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 2 ڪروڙ 52 لک ڏنڊ وڌو ويو ، ڪوسا ڌر تي پورهيت اڳواڻ ڪامريڊ عالم مگسي جو هڪ قتل ۽ عورت سميت ٻن ڄڻن کي زخمي ڪرڻ ۽ 2 موٽر سائيڪلون گم ڪرڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 97لک 50 هزار ڏنڊ وڌو ويو ، جرڳي ۾ هڪ مهينو اڳ قتل ٿيل پورهيت برڪت ڪوسي جي خون بابت مگسي ڌر بيگناهي جي قرآن پاڪ تي ساک ڏئي آجي ٿي وئي ، جرڳي ۾ طئي ڪيو ويو ته اڳتي هلي مگسي ڌر تي خون ثابت ٿيو ته مٿن ڊبل ڏنڊ پوندو، ڌريون هڪٻئي ڏانهن ٽلو ميڙ ڪري وينديون، پهريان مگسي ڌر ميڙ وٺي ڪوسا ڌر وٽ وڃي ٽلو بخشرائيندي بعد ۾ ڪوسا ڌر ميڙ ڪري مگسي ڌر وٽ ويندي ۽ ٽلو بخشرائيندي، ڌريون ٽن مهينن ۾ ڏنڊ جي رقم ادا ڪنديون، آئنده فيصلي جي پيچڪڙي ڪندڙ ڌر تي 2 ڪروڙ ڏنڊ پوندو، جرڳي دوران وڏي انگ ۾ پوليس الرٽ رهي ، پوليس اهلڪار تلاشي وٺي ماڻهن کي هال ۾ ڇڏيندا رهيا. جرڳي ۾ قتل ڪيسن ۾ ڌرين جي روپوش جوابدارن کي پوليس پهري ۾ آندو ويو 5 ڪلاڪن تائين هلندڙ جرڳي دوران سيڪيورٽي جا انتظام سخت رهيا. جرڳي ۾ اڪيلي عورت ناياب سرڪش به شرڪت ڪئي، تڪرار ۾ 4 ڄڻن صلاح ڪوسو عاشق ڪوسو، پورهيت برڪت ڪوسو ڪامريڊ عالم مگسي جي قتل ٿيا هئا. ياد رهي ته هڪ هفتو اڳ سڄاڻ ڌرين، معززين، سيدن نيڪ محمد ڪوسو ناياب سرڪش، سيد شير محمد شاهه سيد محمد شاهه ، سيد قائم علي شاهه جي اڳواڻي ۾ منٿ ميڙ قافلي بعد ڌريون راڄوڻي فيصلي لاءِ راضي ٿيون هيون.

بقايا ----------- 22

پيپلز پارٽي جي اڳواڻن ۽ جيالن پاران پرجوش استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي لطف علي سيال جي پاڻن محمد سومر سيال پيار علي سيال لياقت علي سيال شڪيل احمد سيال محمد موسي سيال پاران صوبائي ڳهرو وزير ۽ قانون جي صوبائي وزير محترم ضياء الحسن لنجار کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي پارائي وئي جڏهن ته پيپلز پارٽي جي جيالن پاران جيئي ڀٽو جا پرجوش نعرا هڻي گلن جي ورکا سان صوبائي وزير ضياء الحسن لنجار جو استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي پيپلز پارٽي جا اڳواڻ عبدالسلام بزنجو محمد عمر لنڊ عبدالجبار ملڪ علي حسن ملڪ استاد محمد يوسف خاصخيلي ڊاڪٽر محمد يعقوب راڄپوت حسن ملڪ محمد ابراهيم خاصخيلي اصف ملڪ مجيد مگسي سهيل ملڪ عاقب خاصخيلي ابراهيم خاصخيلي پڻ موجود هيا

بقايا ----------- 23

ڪولهي مبينا طور گهرو اڻبڻت تان گهر اندر رسو ٻڌي ڦاهو کائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو جنهن جي اطلاع تي ڪڙيو گهنور پوليس سرزمين تي پهچي لاش ڪٺائي تعلقہ اسپتال گولاڙچي مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

بقايا ----------- 24

جنهن ۾ سوين ماڻهو شريڪ ٿيا، احتجاجي ريلي ملاح چوڪ، سيد چوڪ، شاهي بازار، اناج منڊي ۽ صرافا بازار کان ٿيندي پريس ڪلب وٽ پهتي، جتي اڳواڻن نثار عباسي ، صدام منگي ، سونو ڪونڌر، انيس ڪلهوڙو، سليم سومرو، ثناءُالله ڪونڌر، راجا منگي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياهه ڪانسواءِ سنڌ بنجر بڻجي ويندي، جڏهن ته سنڌ سميت ملڪ جي معيشت کي ڪاپاري ڌڪ رسندو. جنهن ڪان حڪمران لاپرواهه بڻيل آهن. انهن وڌيڪ چيو ته اهڙين رٿائن جي ڪري ملڪي سالميت پڻ داءَ تي لڳل آهي، هنن گهر ڪئي ته اهڙين رٿائن کي ختم ڪري سنڌ جي ماڻهن مان بيچيني دور ڪئي وڃي

بقايا ----------- 25

شهر جو گشت ڪرڻ بعد پريس ڪلب پهتا، سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي. تفصيل موجب ڳيريلي ۾ قومي عوامي تحريڪ پاران جميل لاڙ سهيل ابڙو شبير سومرو، زوبير بروهي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هنيو ان موقعي تي اڳواڻن پنهنجي خطاب ڪندي چيو ته زرداري سنڌو دريا مان ڇهه غيرقانوني ڪئنال ڪڍڻ جي پيپرن تي صحيحون نه پر سنڌ جي موت جي پرواني تي صحيح ڪئي آهي اهڙو منصوبو جيڪو سنڌ جي زرخيز ڌرتي کي بنجهر بڻائي ڪڏهن به قبول ڪونه ڪنداسين. هنن چيو ته هميشہ سنڌ دشمن قوتن سنڌ خلاف فيصلا پيپلز پارٽي کان ئي ڪرايا آهن انهن چيو ته اصل واڳ ڌڻين پيپلز پارٽي جي ئي هٿان سنڌ جي تباهي ۽ پيپليخ پارٽي جي سنڌ ۾ ساک تباهه ڪرائڻ جي چال ۾ مڪمل طور ڪامياب ويا آهن.

بقايا ----------- 26

عملي ڪووڊ واري وقت ۾ پنهنجون زندگيون داءَ تي لڳائي ڪووڊ جي خاتمي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو سنڌ سرڪار هميشہ پيرا ميڊيڪل عملي جي مسئلن کي ترجيح ڏني آهي اهڙو اظهار هن اين آءِ سي ايڇ اسپتال ڪراچي ۾ پيرا ميڊيڪل ونگ سنڌ پاران ڪونايل افطار پارٽي تقريب ۾ ڪيو ڊپٽي اسپيڪر چيو ته پيرا ميڊيڪل عملي جا جائز مسئلا اولين بنيادن تي حل ڪيا ويندا. ان موقعي تي پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو خطاب ڪندي چيو ته پيرا ميڊيڪل عملي کي گهرجي ته هو سنڌ جي سڀني سرڪاري اسپتالن ۾ مريضن جي خلمت ڪن. سندس چوڻ هو ته پيرا ميڊيڪل عملي هميشہ تيمادارن جي خدمت ڪئي آهي. پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ تنظيم جو جلد اعلان ڪندو. پيپلز پيرا ميڊيڪل جون صحت ڪاتي ۾ ڪيل خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ حڪومت هميشہ پيرا ميڊيڪل عملي جي جائز مسئلن کي اولين بنيادن تي ترجيح ڏئي حل ڪري رهي آهي. پيپلز پارٽي پيرا ميڊيڪل عملي کي ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيندي.

بقايا ----------- 27

ڊنر ۾ شهره آفاق اسڪالر ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ خاص طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري افطار/ڊنر جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي چيو ته اها خوشي جي ڳالهه آهي ته نامور اسڪالر ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ گورنر هائوس ۾ آيو اسان جي درخواست تي ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي ظلمن خلاف مسلمانن لاءِ دعا گهري. گورنر هائوس ۾ افطار/ ڊنر ۾ صوبي جي مختلف يونيورسٽين جن ۾ NED، حبيب، UIT، KIET ۽ ميٽروپوليٽن يونيورسٽين جي شاگردن سميت شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ان کان اڳ گورنر سنڌ گورنر هائوس پهچڻ تي شاگردن ۽ عوام جو استقبال ڪيو شاگردن ۽ ماڻهن گورنر سنڌ سان سيلفيون پڻ ورتيون. گورنر سنڌ ڪجهه دير شاگردن ۽ عوام سان مليا ۽ سندن مسئلا معلوم ڪيا. ان موقعي تي ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ افطار/ڊنر ۾ شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي چيو ته رمضان المبارڪ ۾ وڌيڪ عبادت ڪريو. رمضان ۾ هڪ رپيو 700 پيرا ثواب ٿيندو آهي. ان ڪانپوءِ ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ عمري ۽ پلاٽ جا ڪٺا ٻه ڪڍيا محمد شاهد ولد عبدالرشيد جو عمري جو ڪٺو نڪتو محمد شاهد چيو ته منهنجي خواهش هئي ۽ عمري جي سعادت لاءِ دعا به گهري هئي جڏهن 120 گز جو پلاٽ ماريہ آفاق احمد جو نڪتو ماريہ آفاق چيو ته ڪرائي جو گهر نه پيو ملي پر اڄ الله تعالي 120 گز جي پلاٽ جو مالڪ بڻائي ڇڏيو ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن ۾ قرعہ اندازي ذريعي ڪيش انعام پڻ ورهايا ويا.

بقايا ----------- 28

سپائي پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندو. قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس جي هڪ نڪاتي ايجنڊا جاري ڪري ڇڏي ايجنڊا موجب صدر آصف علي زرداري سپائي پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندو. اجلاس سپائي منجهند 3 وڳي ٿيندو

بقايا ----------- 29

رزاق چانڊيو جي صدارت هيٺ لاشاري هائوس مڪلي تي ٿي گڏيو اجلاس ۾ مرڪزي اڳواڻ عبدالقادر رانتو ۽ مجيد ساگر پرهياڙ خصوصي طور شرڪت ڪئي اجلاس ۾ تنظيمي ۽ سياسي صورتحال جو جائزو ورتو ۽ فيصلا ڪيا ويا اجلاس ۾ 14 مارچ دريائن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي دولہ دريا خان پل وٽ دريا کي پيتا پيش ڪرڻ جو خاص فيصلو ڪيو ويو ۽ 21مارچ تي ور شهر ۾، 26مارچ تي جنگ شاهي، 23 مارچ تي ميرپور ساڪرو ۽ 6 اپريل تي ٻگهاڻ شهر ۾ اعلانيل 6 ڪئنالن خلاف عوامي تحريڪ شاندار احتجاجي ريليون ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ان موقعي مرڪزي اڳواڻ عبدالقادر رانتي چيو ته سرڪار پاران سنڌو درياءَ تي ڪئنال ناهي سنڌ کي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي پر حڪمران کي سمجهڻ گهرجي ته سنڌ عوام انهن کي ان سازش ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندو هن چيو ته عوامي تحريڪ ان سازش خلاف مسلسل جدوجهد جي ميدان ۾ آهي هن چيو ته سنڌو درياهه تي تعمير ٿيندڙ 6 ڪئنالن جي ڪري سنڌ جو ڊيلٽا ئي علائقن ۾ وڌيڪ تباهي ايندي ساري سنڌ خاص ڪري ٺٽو جو وسيع علائقا خشڪ سالي جي ور چڙهي ويندو اجلاس ۾ شاهه محمد چانگ، رياض عباسي، مارو خشڪ، احمد خشڪ، امان الله بروهي، الهبخش لاشاري، مجاهد بلوچ سميت ميمبرن شرڪت ڪئي

بقايا ----------- 30

پار تحريڪ (ڪيو اي ٽي) پاران سنڌو درياهه مان 6 ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف الهڏنو ساند اسٽاپ کان سجاڳ ٻار تحريڪ ضلع مٽياري جي صدر جاگير حسين ملاح، فواد ملاح، احسن ڪوسو، ياسر ملاح، متقين ملاح، حسيب ڏنگراج جي اڳواڻي ۾ پيادل مارچ ڪري پريس ڪلب تي ڌرڻو هنيو. بدين ۾ به سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف شاگردن ۽ نوجوان جو ٽنهن اس ۾ روزي ۾ پيادل مارچ ڪيو ماتلي ۾ سٽي پريس ڪلب ماتلي طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي قاضي احمد ۾ به تعلقہ پريس ڪلب قاضي احمد پاران 6 ڪينالن خلاف احتجاجي ريلي صدر راجا ساجد علي انڙ جي اڳواڻي ۾ ڪڍي وئي مٽياري ۾ سنڌو درياءَ مان وفاقي حڪومت پاران 6 ڪئنال ڪڍڻ واري عمل خلاف مٽياري پريس ڪلب پاران اعلانيل احتجاجي ريلي ڪڍي وئي راڻيپور ۾ قومپرست پارٽين، سياسي سماجي، وڪيل ۽ صحافين پاران ٽول پلازا راڻيپور کان هزارين ماڻهن جي ريلي ڪڍي خانواهڻ ۾ به پڻ سنڌو درياهه تي ڇهه ڪئنال اڏڻ جي رٿا خلاف خانواهڻ ۾ جسقم طرفان شاهه لطيف ڪالوني مان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي . ريلي ۾ قومي عوامي تحريڪ پاران سنڌو درياهه مان غيرقانوني ڪئنال ڪڍڻ واري عمل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري شهر جو گشت ڪرڻ بعد پريس ڪلب پهتا، سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي. جي يو آءِ سکر پاران سنڌو درياهه تي ڪينالن جي غير قانوني تعمير خلاف لانگ مارچ جو اعلان ڪيو ويو ۽ شڪارپور ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ ضلع شڪارپور طرفان سنڌو تي ٺهندڙ 6 ڪئنالن جي اڏاوت خلاف لکي غلام شاهه مين سڊر شڪارپور روڊ تي احتجاجي ڪئمپ قائم ڪئي وئي ڪنڌڪوٽ ۾ به سڄي سنڌ جيان ڪنڌڪوٽ ۾ سنڌو درياءَ مان 6 ڪينال ڪڍڻ واري عمل خلاف ڪنڌڪوٽ پريس ڪلب جي سڏ تي مختلف سياسي سماجي ۽ سول سوسائٽي پاران هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. دادو ۾ پڻ جسقم پاران سنڌو درياهه تي 6 نوان ڪئنال اڏڻ خلاف منصور جمالي، نياز چنو، عبدالرحمٰن شاهه ۽ ٻين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ پارٽي جهنڊا کڻي احتجاجي مارچ ڪري دادو مورو روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، سيوهڻ ۾ سماجي اڳواڻن پاران سنڌو تي ٺهندڙ 6 تڪراري ڪئنال ڪڍڻ خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان. سڄي سنڌ جيئان لاڙڪاڻي ۾ ڏات ڏڻين فنڪارن، اداڪارن، ۽ اديبن طرفان سنڌو درياهه مان زبردستي 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ واري عمل خلاف آرٽس ڪائونسل کان ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف روڊ رستن تان ٿيندي پريس ڪلب پهتي جتي احتجاجي ريلين ۽ احتجاجي مظاهرن توڙي مارچ کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته چولستان سميت 6 نوان ڪئنال سنڌ لاءِ زهر قاتل آهن. سنڌو درياهه سنڌ جو جياپو آهي نوان ڪئنال ٺهڻ سان سنڌ مڪمل سوڪهڙي جو شڪار ٿي ويندي پنجاب پاڻي جي مسئلي تي سنڌ سان هميشه ڏاڍ مڙسي ۽ ويسا گهاتي ڪندو رهيو آهي. اڳواڻن چيو ته ڪڏهن سنڌو درياهه جو سودو، ڪڏهن ٻيٽن جو سودو، ڪڏهن بندرگاهن جو سودو، ڪراچي، ڪوهستان، ساحلي پٽي لينڊ مافيا حوالي ڪئي وئي آهي. گريٽر ٿل ڪئنال ۽ ٻيا ڌاڙيل واهه تعمير ڪرائي پيپلز پارٽي ۽ زرداري مافيا سنڌو درياهه سڪائڻ چاهين ٿا. تيل، گئس، ڪوئلو هجڻ باوجود سنڌ جا ماڻهو بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن زرخيز زمينون پڙپانگ ٿي ويون آهن اڳواڻن چيو ته ڪرپٽ، چور ۽ نااهل حڪمرانن کي سمجهڻ گهرجي ته انڊس رور سسٽم ۾ ملڪ جي ضرورت جيترو پاڻي ناهي، جنهنڪري ڪو به ڪئنال ملڪ ۽ سنڌ جي مفاد ۾ ناهي. سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي نٿو ڏنو وڃي، جيڪڏهن ڪئنال نهي ويا ته سنڌ تباهه ٿي ويندي. وفاقي حڪومت هوش ڪان ڪم وٺي سنڌي ماڻهن کي ديوار سان نلڳايو وڃي. وفاقي حڪومت سمجهي ٿي ته پيپلزپارٽي کي ڪريشن جي اجازت ڏئي اهي سنڌو درياهه سنڌ جو پاڻي، وسيلا کٽي ويندا حڪمران سمجهن ٿا ته سنڌي ماڻهو خاموش رهندا ته اها انهن جي ڀل آهي. سنڌي ماڻهو خاموش تماشائي نه رهندا سنڌي ماڻهو پنهنجي حقن ۽ وسيلن لاءِ اٿندا ته حڪمرانن جا رستا بند ٿي ويندا.

بقايا ----------- 31

جي اڳوٽي امير ۽ سينيٽر مشتاق احمد خان جو وڏو ڀاءُ شڪيل احمد ڀاڙيسري جي فائرنگ سبب مارجي ويو آهي. پوليس موجب واقعو صوابي جي ڳوٺ احمد خان ڪلي شيخ جانہ ۾ پيش آيو جتي شڪيل احمد خان کي گهر جي سامهون گوليون هڻي قتل ڪيو ويو آهي. ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر (ڊي پي او) صوابي محمد اظهر چيو ته شڪيل احمد خان پنهنجي ڀاڙيسري جي فائرنگ سبب مارجي ويو، جوابدار ڀهريان پنهنجي والد کي قتل ڪيو مقتول شڪيل خان صلح ڪرائڻ لاءِ ويو هو انهي دوران فائرنگ جو نشانو بڻجي ويو. ڊي پي او صوابي چيو آهي ته مبينہ طور تي جوابدار نشي جو عادي آهي، دماغي توازن به صحيح نه آهي، جوابدار جي گرفتاري جلد يقيني بڻائي ويندي. اڳوٽي سينيٽر مشتاق احمد خان گهري رنج ۽ غم جو اظهار ڪندي چيو ته وڏي ڀاءُ شڪيل احمد خان کي ڳوٺ ۾ گهر جي سامهون شهيد ڪيو ويو، اها بدترين درندگي آهي، وڏو ڀاءُ مون کي تمام گهڻو پيارو هو هو منهنجو وڏو سهارو بڻيل هو. خيبرپختونخواهہ جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور به مشتاق احمد کي ڀاءُ جي قاتلن کي جلد گرفتار ڪرڻ جو يقين ڏياري ڇڏيو آهي. ٻئي طرف اڳوٽي سينيٽر مشتاق احمد جي ڀاءُ جي قتل جو ڪيس ڪالوخان ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا ----------- 32

نه پيا ڪيا وڃن ٿي ۾ پ پ شهيد ڀٽو جي اڳواڻ لڪمير پالاري جي ڀاءُ نظر پالاري جي وفات تي ساڻس تعزيت ڪرڻ ڪانپوءِ هن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پاڻي رڳو پنجاب ۽ سنڌ جو مسئلو نه آهي هاڻي پنجاب جا ماڻهو به آواز اٿاري رهيا آهن ڇاڪاڻ جو پنجاب جي ماڻهن جي زمينن تي به قبضا ٿي رهيا آهن هن چيو ته ڪارپوريٽ فارمنگ جو اصل مقصد حڪمرانن پاران پرافٽ ڪمائڻ لاءِ آهي هي منصوبو غريب عوام کي ڪارائڻ جو منصوبو نه آهي، ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي ملڪ جي غريب پورهيتن ۽ هارين جي ڪمائيءَ کي ٻاهر وڪرو ڪيو ويندو ته جيئن اهي حڪمران ڪمائي ڪري سگهن ذ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽي صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي چيو ته حڪمرانن جون پاليسيون اسان غريب عوام جي حق ۾ نه آهن نه ئي اهي زمينون اسانجون آهن ڪيش ڪراپ جي نالي تي زمينن مان اپت ڪمائي ٻاهر امائيو ويندي هن چيو ته ايئن محسوس ڪرايو پيو وڃي ته سنڌ ۽ سرائيڪي بيلٽ پاڪستان جو حصو نه آهن بلڪہ هڪ ڪالوني آهن، انگريزن جيئن اسان تي قبضو ڪيو ٿيئن هي به ڪري رهيا آهن جڏهن منهنجو والد شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو پاڪستان آيو ته ان وقت به حالتون ساڳي هيون پيپلزپارٽي عوام جي حقن تي راتاڻو هٽي رهي هئي منهنجي والد ملڪ ۾ اچي چونڊن ۾ حصو وٺي اهو اعلان ڪيو ته شهيد ڀٽي جي پيغام کي اڳتي وڌائي عوام کي انصاف ڏياري ماحولياتي تباهين کان بچايو ويندو پر حڪمران ان جي بلڪل ابتڙ هليا ويا آهن هن وڌيڪ چيو ته منهنجي ڀيڻ فاطمہ ڀٽو ۽ منهنجي والدہ منهنجي مدد ڪري رهيون آهن ۽ آئون پنهنجي ڀيڻ فاطمہ کانسواءِ ڪجھ به نه آهيان هن وڌيڪ چيو ته ايندڙ عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ يا نه وٺڻ جي حوالي سان اڃا ڪوبہ فيصلو ناهي ڪيو چو ته چونڊن لاءِ اڳوات تياري ڪرڻي پوندي آهي جنهن لاءِ خاندان جي مشاورت تمام ضروري آهي جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو مختلف هنڌن تي پارٽي جي اڳواڻن سان عذر خواهي ڪرڻ بعد ڇتو چنڊ لڳ مير مرتضي ڀٽي سان گڏ شهيد ٿيندڙ شهيد رحيم بروهي جي گهر پهچي سندس والدهه سان گڏ افطار پڻ ڪئي هن کان اڳ پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جو چيئرمين ذوالفقار علي جونيئر گهارو هنگورا هائوس پهتو جتي غلام رسول هنگورو جي ڀاءُ غلام نبي هنگوري جي ٽڏي تي سندس ڀائرن سان تعزيت ڪئي ان بعد ٺٽي لاءِ روانو ٿيو

بقايا ----------- 33

رمضان دوران عوام جي مشڪلاتن کي چڱيءَ ريت سمجهي ٿي، چوته ڪراچيءَ جا ڪيترائي شهري پبلڪ ٽرانسپورٽ تي ڀاڙي رهيا آهن تنهن ڪري وقتن ۾ واڌ جو مقصد انهن جي سفري مسئلن کي گهٽائڻ آهي، خاص طور تي افطار ۽ رات جو خريداريءَ کانپوءِ محفوظ نموني گهر پهچڻ لاءِ بهتر سفري سهولت فراهم ڪرڻ هن وڌيڪ چيو ته حڪومت سنڌ عوام جي بهبود لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي ۽ رمضان ۾ بهتر ٽرانسپورٽ آپشن ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته شهري پيپلز بس سروس جي وڌايل وقتن مان ڀرپور فائدو وٺن

بقايا ----------- 34

جتوئي رجب علي جتوئي جام ڪاشف انڙ غلام حيدر انڙ ذوالفقار علي ٽانوري اشفاق احمد راجپوت جاويد علي جتوئي غلام قادر چانڊيو قاضي احمد نيشنل پريس ڪلب جي صدر غلام حيدر بالادي پريس ڪلب قاضي احمد جي صدر علي حيدر چانڊيو سنئير صحافي الهرڪيو سيال جمال شاهه پريس ڪلب جي صدر رياض علي مشوري ايم بي ڏاهري يحيا پٽي خان جتوئي صوفي جاويد علي سيال امتياز علي مهر سائل لاڪو صحافي جام فرحان علي انڙ جي ڊبليو سي جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ذوالفقار خاصخيلي ڊويزنل صدر جي ڊبليو سي ولي محمد جوڪيو سماجي اڳواڻ عبدالرحمان اوٺو محمد رمضان لاشاري قاضي احمد بار جي صدر ايڊوڪيٽ امتياز علي چانڊيو ايڊووڪيٽ راشد علي ماڇوئو ايڊووڪيٽ علي گل ڪورڪاڻي ايڊووڪيٽ منور علي راهو جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ اشتياق علي مهر ايڊووڪيٽ نياز علي جتوئي ايڊووڪيٽ وقار علي خاصخيلي ايڊووڪيٽ حفيظ رحمان جوٺو ايڊووڪيٽ امان الا جتوئي ايڊووڪيٽ ڪامران علي ڪوسو ۽ ٻين ريلي ۾ شرڪت ڪئي مختلف سياسي سماجي اڳواڻن وڪيلن صحافين سول سوسائٽي جي سوين ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ مين روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي ذوالفقار خاصخيلي، امتياز چانڊيو راشد ماڇوئو شبير سيال ڊاڪٽر شبير چانڊيو ڪامران چانڊيو ممتاز جتوئي، نوردين ماڇوئو ڪاشف انڙ، ساجن ڪنبر، ايم بي ڏاهري، يحيي پٽي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو سنڌو درياءَ تي ڪينال ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن هنن چيو ته سنڌ جو هر فرد ڪينال جي مخالفت ڪري ٿو ان جي باوجود حڪمران ڌر هوڏ تان نه لهي ته پوءِ سنڌ جي ماڻهن به سر سان ڪفن ٻڌي چڪا آهن اهي ڪنهن به صورت ۾ ڪينال نهڻ نه ڏيندا هنن چيو ته سنڌو درياءَ اسان جو جياپو آهي جنهن تي ڪا به سوديبازي قبول نه ڪنداسين اسان پنجاب سامراج کي ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته سرسبز سنڌ کي برباد ڪري اوهان کي پنجاب آباد ڪرڻ نه ڏينداسين سنڌ جي ماڻهن ون يونٽ ايم آر ڊي ۽ ڪالاباغ ڊيم تي تحريڪون هلائي چڪا آهيون.

بقايا ----------- 35

۽ احترام سان ملهائي ويندي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي هن ملڪ ۾ حقيقي جمهوريت بحال ڪري هن ملڪ کي نه صرف ايٽمي طاقت بڻايو پر هن ملڪ کي اهڙو آئين به ڏنو جيڪو پاڪستان نهڻ کان وٺي اڄ تائين نه ٿي سگهيو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن آچر ڏينهن پيپلز سيڪريٽريٽ ڪراچي ۾ پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي اهم اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو. اجلاس ۾ پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ۽ سنڌ جي وڏي وزير جو خاص مددگار سيد وقار مهدي، ڪراچي ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري ۽ ضلعي ڏکڻ جي صدر جاويد ناگوري، سينيئر نائب صدر راجا رزاق، مرزا مقبول، پيپلز پارٽي وومين ونگ ڪراچي جي صدر ڊاڪٽر شاهده رحماني، ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري آصف خان ۽ شڪيل چوڌري، سمورن ضلعي تنظيمن جي جنرل سيڪريٽرين ۽ جنرل سيڪريٽرين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ 4 اپريل تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي جي حوالي سان ڳڙهي خدا بخش لاڙڪاڻي ۾ مرڪزي تقريب ۾ شرڪت ۽ تقريب جي تيارين جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي ڳالهائيندي صوبائي وزير سعيد غني چيو ته 4 اپريل تي باني ۽ قائد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي شاندار نموني ملهائي ويندي. سالگرهہ جي مرڪزي تقريب ڳڙهي خدا بخش ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مزار ڀاهران گرائونڊ ۾ ٿيندي، جنهن کي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري ۽ ٻيا سينيئر پارٽي اڳواڻ خطاب ڪندا. سعيد غني چيو ته ڪراچي جي سمورن ضلعن مان قافلا 2 ۽ 3 اپريل کان ڳڙهي خدا بخش ڏانهن روانا ٿيندا. ان موقعي تي پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سيد وقار مهدي چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري هن سال شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي اهم اعلان ڪندا. جڏهن ته سنڌ مان هزارين ماڻهو جيالا ڳڙهي خدا بخش پهچي پنهنجي قائد کي ڀيٽا پيش ڪندا. ڪراچي ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري جاويد ناگوري چيو ته ورسي ۾ ڪراچي جي سمورن ضلعن مان پيپلزپارٽي جا عهديدار، چونڊيل نمائندا، پارٽي جا ڪارڪن ۽ همدرد هزارن جي تعداد ۾ شرڪت ڪندا. هن چيو ته ڪراچي ڊويزن جي تحت استقباليہ ڪميٽي ۽ ٻيون ڪميٽيون ٺاهيون ويون آهن، جيڪي سمورن معاملن جي نگراني ڪنديون

بقايا ----------- 36

انسٽيٽيوٽ آف ٽراما سينٽر جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي. سکر ۾ 50 بسترن تي مشتمل جديد ٽراما اينڊ ايمرجنسي ريسپانس سينٽر قائم ڪيو ويو. جنهن جي باضابط منتقلي جو اعلان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه جي موجودگي ۾ ڪيو ويو ان موقعي تي ايگزيڪٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر صابر ميمڻ ۽ غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج جي سپرينٽينڊنٽ پڻ موجود هئا.صحت عامہ جي بهتريءَ لاءِ اهم اڳڀرائي سيد خورشيد احمد شاهه جو چوڻ هو ته ٽراما سينٽر جو قيام صحت عامہ جي بهتريءَ لاءِ هڪ اهم اڳڀرائي آهي. هي سينٽران عزم جو عڪس آهي ته جديد ۽ معياري طبي سهولتن کي هر طبقي تائين پهچايو وڃي، خاص طور تي انهن لاءِ جيڪي ڪنهن حادثي يا سانحي جو شڪار ٿي فوري طبي امداد جا محتاج هوندا آهن زندگي بچائڻ لاءِ جديد سهولتون هي جديد ترين سهولت ٽريفڪ حادثن، ٻاهه جي سڙيل زخمين، گولين سان زخمي ٿيل مريضن، ۽ ٻين شديد نوعيت جي زخمن ۾ مبتلا ماڻهن لاءِ اميد جي ڪرڻ ثابت ٿيندو. سينٽر جو بنيادي مقصد فوري ۽ مؤثر طبي امداد فراهم ڪرڻ، مريضن جون حياتيون بچائڻ، ۽ علاج جي بحالي واري عمل کي بهتر بڻائڻ آهي. ايمرجنسي ۽ انتهائي نگهداشت جون سهولتون ٽراما سينٽر ۾ جديد طبي اوزارن سان ليس ايمرجنسي يونٽ، انتهائي نگهداشت (ICU)، ۽ سرجريءَ جون سهولتون موجود آهن. جيڪي سخت زخمي مريضن لاءِ ضروري آهن. اهو سينٽر خاص طور تي انهن ماڻهن لاءِ فائدي مند هوندو جيڪي مالي وسيلن جي کوٽ سبب بروقت علاج حاصل ڪرڻ کان قاصر رهندا آهن. 24/7 ماهر ڊاڪٽر ۽ طبي عملي جي موجودگي ماهر ڊاڪٽرن، سرجن، نرسنگ اسٽاف، ۽ طبي عملي جي 24 ڪلاڪ موجودگي يقيني بڻائي وئي آهي ته جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ بروقت ۽ مؤثر علاج مهيا ڪيو وڃي. جنهن سان صحت جي شعبي ۾ نئين تحقيق ۽ جديد علاج جي طريقن کي فروغ حاصل ٿيندو انساني همدردي ۽ سماجي خلمت جي علامت هي جديد ٽراما سينٽر صرف هڪ طبي سهولت جو اضافو ناهي، بلڪہ انساني همدردي ۽ سماجي خلمت جي اعلىٰ مثال به آهي. غريب ۽ نادار مريضن کي مفت يا گهٽ خرچ تي علاج فراهم ڪرڻ ان سينٽر جي بنيادي مقصدن مان آهي، ته جيئن ڪو به شخص مالي وسيلن جي کوٽ سبب مناسب علاج کان محروم نه رهي. غلام محمد مر ميڊيڪل ڪاليج (GMMMC) اسپتال سکر ۾ جديد ترين شهيد محترمہ بينظير ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف ٽراما سينٽر جو قيام هڪ انقلابي قدم آهي. جيڪو صحت عامہ جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. جديد ٽيڪنالاجي، ماهر طبي عملي، ۽ بهترين سهولتن سان، هي سينٽر هزارين مريضن لاءِ زندگيءَ جي نئين اميد بڻجي ويندو. هي قدم صرف هڪ اسپتال جي ترقي ناهي، بلڪہ پوري صوبي ۽ ملڪ ۾ صحت جي بهتر سهولتن جي فراهميءَ ڏانهن هڪ اهم اڳڀرائي آهي. اميد آهي ته هي مرڪز مستقبل ۾ وڌيڪ ترقي ڪندو ۽ ٽراما ڪيئر جي ميدان ۾ هڪ رول ماڊل ثابت ٿيندو.

بقايا ----------- 37

وٽ نا معلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار پريا روڊ جي ڳوٺ ذوالفقار گوندل واسي آئي بي ٽيسٽ پاس پي ايس ٽي استاد اسٽاپ ويندڙ افتخار گوندل شديد زخمي ٿي پيوجنهن کي نواب شاهه نيو ويو جتي هو فوت ٿي ويو جڏهن ته حادثو ڪندڙ گاڏي موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي فوتي کي چار مهينا اڳ پي ايس ٽي جو آبر پڻ مليو هيوجنهن جي پگهار به نه ٿي هئي فوتي پريارو ۾ اسٽاپ ويندڙ جو ڪم ڪندو هو ڪنهن ضروري ڪم سانگي اڪري کان واپس اچي رهيو هو ته حادثو پيش آيو فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ڀاتين ۾ ڪهرام برپا ٿي ويو

بقايا ----------- 38

مارچ ۽ احتجاج تفصيل موجب پنجاب جي چولستان جي 40لک بنجر وارياسي زمين آباد ڪرڻ لاءِ سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف سنڌ ۾ شروع ڪيل جدوجهد جي سلسلي ۾ بدين ضلع جي ننڍن وڏن ڳوٺن شهرن ۾ به احتجاج جو سلسلو جاري آهي ان ڏس ۾ بدين ۾ نوجوانن ۽ شاگردن طرفان ٽنهڻ اس ۽ روزي جي حالت ۾ الله والا چوڪ کان پيادل مارچ شروع ڪيو ويو جيڪو شاهنواز چوڪ کان ٿيندو بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهري جي شڪل اختيار ڪري ويو ان موقعي شاگردن ۽ نوجوانن طرفان ڌرڻو پڻ هنيو ويو جنهن کي خطاب ڪندي مشتاق جمالي چيو ته سنڌو درياهه اسانجو پالڻهار آهي جنهن خلاف سدائين سازشون ڪيون ويون آهن پر اسان زندهہ قوم آهيون جڏهن به سنڌ ڌرتيءَ کي مفاد پرست ۽ اقتداري ڌريون ڇڏي پڳيون آهن تڏهن سنڌ تي سر گهوري لاءِ ڪو روپلو ٿي اٿيو آهي ته ڪو هوشو ٿي اٿيو آهي مروئيسو مرويسون سنڌ نه ڏيسون جو نعرو بلند ڪيو آهي هنن چيو ته سنڌو درياهه سنڌ جي جياپي جو ذريعو آهي ان تي هي ڪينال سنڌي قوم کي ڪنهن به صورت ۾ منظور نه آهن رت جي آخري ڦڙي لاءِ جنگ جوتي ويندي ان موقعي تي غفار ساحل عبدالستار مغيري سرائي شهباز خاصخيلي باغي ذيشان ذڪريا چنر سجاد سومرو سڪندر سومرو عطا چانڊيو جبل سومرو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو ٻئي طرف نوجوانن طرفان شهر جي مختلف پاڙن ۽ گرائونڊن ۾ نائٽ ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ دوران پڻ ڪئنالن خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ جو سلسلو جاري آهي

بقايا ----------- 39

مئي تي ڪراچي ۾ ڪرائڻ جو فيصلو ڪندي چيو آهي ته اي جي پي 26 آئيني ترميم ۽ پيڪا ڪاري قانون کي رد ڪندي گهر ٿي ڪري ته انهن ڪارن قانونن کي فورن ختم ڪيو وڃي. اهڙا فيصلا عوامي جمهوري پارٽي جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ ڪيو ويو جنهن جي صدارت صدر خادم ٽالپر ڪئي. جنهن ۾ مرڪزي سيڪريٽري جنرل ايڊووڪيٽ لال شاهه ڊاڪٽر سراج سيال، حريف چانڊيو بشير چانڊيو غلام قمبر حاجاڻو پرويز ابڙو، جمن ٽنيو انور چنا، نور جوکيو منصف لانگاهہ منظور مهيسر آزاد جوٽيجو مڪيش ڪمار ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي صدر خادم ٽالپر ۽ ايڊووڪيٽ سيد لال شاهه چيو ته پارٽي اليڪشن لاءِ سڄي سنڌ ۾ مرڪزي ڪنوينشن ڪرائڻ جو فيصلو ڪندي چيو ته 23 مارچ تي ڪراچي. 6 اپريل تي حيدرآباد 20 اپريل تي سکر ۽ باقي سنڌ جي شهرن ۾ منعقد ڪيون وينديون جنهن کي مرڪزي اڳواڻ خطاب ڪندا. انهن اڳواڻن چيو ته وڪيلن جي ڪئنالن ۽ ڪرپٽ انتظاميا خلاف جدوجهد جي مڪمل حمايت ڪيون ٿا پارٽي جي وڪيلن به ان ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي آهي. هنن چيو ته ڪئنالن ۽ شاگرد مسئلن جي حل لاءِ شروع ٿيل شاگرد جدوجهد جي مڪمل حمايت ڪندي چيو ته صحافين کي به ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ لاڳو ڪيل پيڪا آرڊيننس اظهار جي آزادي تي راتاهو آهي جنهن کي فورن ختم ڪيو وڃي.

بقايا ----------- 40

خاصخيلي، سماجي اڳواڻ رضا محمد پنهور، محمد پناهہ بليدي، غلام سرور پنهور سجاد ڏيٽو سيوهڻ پريس ڪلب پهچي چيو آهي ته وفاقي سرڪار سنڌو درياهه مان 6 ڪئنال ڪڍي سنڌ کي سڪائڻ جي سازش ڪري رهي آهي سنڌ بنجر بڻجي ويندي سنڌ جو عوام سنڌو درياءَ تي ڌاڙو هڻڻ ڪڏهن به قبول نه ڪندي هنن تعلقي سيوهڻ جي سياسي، وڪيل برادري، استادن، دڪاندارن ،هارين، مزدورن ، صحافين ۽ شاگردن سميت شهري آچر جي ڏينهن 16 مارچ تي ڪاليج روڊ کان احتجاجي ريلي ڪڍي ويندي جيڪا ريلي سيوهڻ پريس ڪلب جي اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا ----------- 41

نقصان تي 251 رنسون ٺاهي سگهي. ڪيويز ٽيم جو پهريون نقصان 57 رنسن تي ٿيو ڀارتي اسپينر وورون چڪرورتي ول ينگ کي پولين جي راهه ڏيکاري، جڏهن ته اوپنر راچن روينڊرا ڪلديپ ياديو جو سڪار بڻيو ، ڀارتي اسپنر ڪين وليمسن کي به آئوٽ ڪيو. ڪيويز ٽيم کي چوٿون نقصان ٽام ليٿم جي صورت ۾ ڪٿٺو پيو جنهن کي رويندرا جديجا آئوٽ ڪيو. ڀارت خلاف نيوزيلينڊ جي پنجين وڪيٽ 165 رنسن تي ڪري جڏهن گلين فلپس 34 رنسن تي ورون چڪرورتي جو شڪار بڻيو هندستان خلاف نيوزيلينڊ جي ڇهين وڪٽ 211 رنسن تي ڪري جڏهن ته ڊيرل مچل 62 رنسون ٺاهي رن آئوٽ ٿيو. ڪيويز جي ستين وڪيٽ 239 رنسن تي ڪري ڪپتان مچل سينٽنر 8 رنسون ٺاهي رن آئوٽ ٿيو ڀارت پاران هدف حاصل ڪرڻ لاءِ شروعات مستحڪم رهي اوپنر روهت شرما ۽ شبمن گل 105 رنسن جي پارٽنر شپ قائم ڪئي. شبمن 31 رنسون ٺاهي آئوٽ ٿيو جڏهن ته روهت سرما 76 رنسن جي اننگز کيڏي ويرات ڪولهي هڪ رنز ٺاهي سگهيو هارڊڪ پانڊيا 18 رنسون ۽ اڪشر پٽيل 29 رنسون ٺاهيون. شرياس آئيز 48 رنسون ٺاهي آئوٽ ٿيو ڪي ايل راهول 34 رنسون ٺاهي ناٽ آئوٽ رهيو نيوزيلينڊ جي مچل سينٽنر ۽ مائيڪل بريسويل ٻه ٻه وڪيٽون حاصل ڪيون. ڀارت ٽيون ڀيرو آءِ سي سي چئمپينز ٽرافي جو فاتح بڻيو آهي.

نمائندگي جو اعلان

روزاني پاڪ ڪراچي پاران سيد امداد علي شاهه کي نئون ڳوٺ جو رپورٽر مقرر ڪيو ويو آهي خبرن، اخبارن ۽ اشتهارن لاءِ ساڻس موبائل نمبر 03078343633 تي رابطو ڪيو وڃي.

(ادارو)

ڪامرس ڪاليج ۾ سنڌي ادبي سنگت ڪراچي شاخ جي 18 هين دستوري گڏجاڻي

عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان شاعري ذريعي عورتن کي ڀيٽا

سيما عباسيءَ غزل ۽ نظم ، فرزانه شاهين غزل، ذڪيه چنا غزل، آمنه ابڙو پنهنجو عورتن لاءِ لکيل ترانو ترنم سان پيش ڪيو

گڏجاڻي ۾ سنڌي چئنلز تان عورتن جي تذليل وارو مواد نشر ڪرڻ خلاف ٻيون قرار دادون به پاس ڪيون ويون

ڪراچي اوير (ن پاڪ) سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي شاخ جي ارڙهين دستوري گڏجاڻي ڪامرس ڪاليج ۾ ٿي گذري گڏجاڻيءَ ۾ ناميارين ليکڪائن انيس ميمڻ، عطيه دائود، ڊاڪٽر عابد گهانگهرو، ڊاڪٽر رضيه ڪوڪر، سلطانه وقاصي، /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

ڪراچي اوير: سنڌي ادبي سنگت ڪراچي شاخ جي ارڙهين دستوري گڏجاڻي ۾ عابده گهانگهرو ۽ ٻيون عورت اڳواڻ شريڪ آهن

”نامنظور نامنظور ڪئنال نامنظور“ ماتلي ۾ سجاڻ ڌرين جي ريلي

اڳ ئي پاڻي جي ڪوٽ آهي، ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي نه پهچڻ سبب ٺٽي، سجاول ۽ بدين ضلعن جي زمين سمنڊ ڳڙڪائي رهيو آهي: عبدالرزاق پنهور

سڄي سنڌ ڪئنالن خلاف سراپا احتجاج آهي پر وفاق پنهنجي هوڏ تي قائم آهي سنڌ جي احتجاجن جو نوٽيس نه پيو ورتو وڃي: اسلم مهندو

نوان ڪئنال ٺاهڻ جو فيصلو واپس نه ورتو ويو ته احتجاجن جو رخ پنجاب جا رستا بند ڪرڻ طرف هوندو: زاهد حسين چيڙ

ماتلي (مسرور حسين مگٿهار) سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ واري فيصلي خلاف سٽي پريس ڪلب ماتلي طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن /ڏسو صفحو 2 بقايا 2

پرياسٽي واسي ڪينجهر ڍنڍ ۾ وهنجڻ دوران ٻڏي فوت

ڳوٺ قاسم ڪاهي واسي سرفراز سولنگي نوراني جي زيارت لاءِ ويل هو

مڙهه ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو ويو، اطلاع ملڻ تي گهر ۾ ڪهرام

پرياسٽي (ن پاڪ) پرياسٽي پرسان ڳوٺ قاسم ڪاهي جو رهواسي 22 سالن جو نوجوان سرفراز سولنگي ولد محمد لائق سولنگي ڪينجهر ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 3

رت جا رشتا جان جا ويري بڻجي ويا، دادو ۾ ملڪيت معاملي تان وڏي ڀاءُ هٿان ننڍو ڀاءُ زخمي

دادو(ڊ ر): چند ٽڪن سبب رت جا رشتا جان جا ويري بڻجي ويا، دادو جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

انٽرنيٽ مالڪ جي فرياد تي ٽن جوابدارن خلاف فائبر انٽرنيٽ جون تارون ڪٽڻ جو ڪيس داخل

بدين(ٻر) ماڊل ٿاڻي بدين تي بدين جي رهائشي شهر ۾ فائبر انٽرنيٽ سروس فراهم ڪندڙ غلام/ڏسو صفحو 2 بقايا 6

قبرستانن ۽ درگاهن جي ملڪيتن تي قبضن خلاف 14 رڪني ڪميٽي جوڙي وئي

خيرپور (ٻر) موجب خيرپور شهر جي قديمي ۽ تاريخي درگاهه /ڏسو صفحو 2 بقايا 7

قاضي احمد پرسان ڳوٺ تي پوليس چڙهائي، 10 ڄڻا گرفتار، احتجاج

پوليس اٿالن ڳوٺ مهرو مهر تي چڙهائي ڪري ڀاتين تي تشدد پڻ ڪيو

پوليس مخالفن جي چرچ تي بنا جواز جيئڻ حرام ڪيو آهي: مهر برادري

قاضي احمد (غلام حسين راهو) : قاضي احمد لڳ ڳوٺ مُهرو مهر ۾ پوليس اٿالن جي چڙهائي پوليس اهڪارن مقامي ڳوٺاڻن خدا بخش مهر،/ڏسو صفحو 2 بقايا 4

ڳيريلي ۾ دڪان مان چوري، شهرين پاران شٽربند هڙتال، ٿاڻي اڳيان ڌرڻو

موٽرسائيڪل سوار ڌوهارين دڪاندار ماڻڪ چانڊيو، توفيق ابڙو ۽ امتياز علي سمون جي دڪانن ۾ داخل ٿي لکين روپيا روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦريو

واقعي خلاف دڪاندار ايسوسيئشن جي سڏ تي شهر ۾ شٽربند هڙتال ڪري شفيق منگي جي اڳواڻي ۾ ٿاڻي اڳيان ڌرڻو

ايس ايڇ او ۽ ڊي ايس پي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ٻن ڏهاڙن اندر ڦريل پئسا ۽ سامان واپس ڪرائڻ جي خاطري بعد ڌرڻو ختم ڪرايو

ڳيريلو(ن پاڪ) ڳيريلي شهر ۾ دڪاندار کان لکين روپين جي ڦرواردات، شهرين جو شٽربند هڙتال ڪري ٿاڻي اڳيان ٻه ڪلاڪ ٽنهڻ اس ۾ ڌرڻو پوليس خلاف چٽي نعريبازي، ايس ايڇ او ۽ ڊي ايس پي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ٻن ڏهاڙن اندر ڦريل پئسا ۽ سامسن واپس ڪرائڻ جي خاطري بعد ڌرڻو ختم ڪرايو. پيرائٽي/ڏسو صفحو 2 بقايا 8

ڳيريلو: شهري بدامني جي آزار خلاف ٿاڻي اڳيان احتجاج ڪري رهيا آهن

ساس باڊهه شاخ پاران ڪئنالن خلاف 14 مارچ تي احتجاج جو اعلان

هفتيوار دستوري ادبي گڏجاڻي خادم حسين ٻگهيو جي صدارت هيٺ ٿي گذري

گڏجاڻيءَ ۾ اڪبر آزاد هيسباڻي پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جو سفرنامو جي آخري قسط به پيش

باڊهه:(رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ باڊهه جي هفتيوار دستوري ادبي گڏجاڻي خادم حسين ٻگهيو جي صدارت هيٺ ٿي گذري، گڏجاڻيءَ ۾/ڏسو صفحو 2 بقايا 32

”ڪئنال نامنظور“ سجاڳ ٻار تحريڪ جو پيادل مارچ

ڪئنال ٺهڻ سان سنڌ مڪمل سُڪي ويندي: جاگير حسين ملاح

پنجاب کي سنڌ دشمن فيصلو هر صورت واپس وٺڻو پوندو: خطاب

مٽياري (رپورٽ شهمير ميمڻ) سجاڳ ٻار تحريڪ (ڪيو اي ٽي) پاران سنڌو درياهه مان 6 ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف الهڏنو ساند /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

ڪراچي پريس ڪلب سامهون نوشهروفيروز واسي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

گذريل هفتي سبزي منڊي ۾ سرعام نوجوان وقار علي کي قتل ڪيو ويو هو

ڪراچي پريس ڪلب سامهون نوجوان جون تصويرون کڻي مظاهرو ڪيو ويو

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) ڪراچي مين پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو گذريل هفتي نوشهرو فيروز رهواسي سرعام سبزي منڊي ۾ صبح واري/ڏسو صفحو 2 بقايا 30

ڪراچي: ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران مقتول وقار علي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

پ ٽ الف پاران ڪئنالن خلاف عيد بعد تحريڪ شروع ڪرڻ جو اعلان

پنجاب کي درياهه تي قبضو ڪرڻ هر گز نه ڏينداسين: شفيع محمد سٽيو

ڪئنال ٺهي ويا ته سڄي سنڌ بنجر ٿي ويندي، سجاڳ ٿيڻو پوندو: اجلاس ۾ ڳالهيون

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) سنڌو درياهه تي ڪئنال ٺاهڻ سنڌ جي سلامتي تي حملو سمجهون ٿا، استاد تنظيم پ ت الف عيد ڪانپوءِ اهڙي /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

دريا خان مري ۾ انتظاميه جي ڪارروائي، دڪاندارن تي ڏنڊ

اسسٽنٽ ڪمشنر ريڙهن ۽ دڪانن تي واهپي جي شين جا اگهه چيڪ ڪيا

وڌيڪ اگهه وٺندڙ دڪاندارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

درياخان مري (ن پاڪ) دريا خان مري ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر قادر داد مري جي اڳواڻي ۾ جوڙيل ٽيم پاران شهر جي مين بازار چانڊني چوڪ ميناره/ڏسو صفحو 2 بقايا 28

مٽياري جي ڀرپاسي ۾ بدامني، چور سولر پليٽون کڻي ويا

ڳوٺ نوبت مري ۾ ڌوهاري بورنگ تان سولر پليٽون، بيٽريون ۽ ٻيو سامان کڻي فرار

چوري جو پوليس کي اطلاع، متاثر پاران چوري ٿيل سامان جي واپسي جو مطالبو

مٽياري (شهمير ميمڻ) مٽياري لڳ ڳوٺ نوبت مري ۾ نامعلوم چور بورنگ تان سولر پليٽون، بيٽري ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري ويا، خبر /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

بدين جي واپاري سان فراڊ ڪندڙن خلاف ڪيس داخل، جوابدار فرار

بدين ٿاڻي تي عبدالغفار ڪوسو جي فرياد تي افضل حسين بليدي ۽ سهيل بليدي تي ڪيس داخل

ڪيس ۾ نامزد جوابدارن 14 لک 60 هزار ڪوڙو چيڪ ڏنو: عبدالغفار ڪوسو

بدين (ٻر) بدين جي واپاري سان فراڊ ڪندڙن خلاف ڪيس داخل جوابدار فرار تفصيل موجب بدين جي موٽر سائيڪل شوروم مارڪيٽ ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

بدين ۾ قلم ڌڻين جو ساٿي جي گرفتاري خلاف احتجاج

جمهوريت جي دعويدار پارٽي سچ لکڻ تي انتقامي ڪارروايون پئي ڪري: شڪور ميمڻ

ٿرپارڪر جي پوٽارن جي ونگار وهندي انور عباسي کي جڙتو پراڻي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي: ڏاهن

بدين(ٻر) ٽنڊو باگو پريس ڪلب جي صدر سينئر صحافي انور عباسي جي گرفتاري خلاف بدين ۾ قلم ڌڻين ٿرپارڪر پوليس خلاف احتجاج /ڏسو صفحو 3 بقايا 6

ڪراچي جي وسندي سچل ڳوٺ ۾ پاڻي ڪوٽ خلاف سماجي تنظيم جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

سياسي سماجي تنظيمن جي ڪارڪنن، بيدل مسرور، سيف الله لاشاري ۽ سمير ٻير جي اڳواڻي ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرايو

پاڻي جي اڻاٺ، بجلي ۽ گئس جي لوڊشيڊنگ سبب رهواسي عذاب واري زندگي گهاري رهيا آهن: بيدل مسرور

ڳوٺ ۾ ڪي به ترقياتي ڪم نه پيا ڪرايا وڃن، ڳوٺاڻا پٿر جي دور واري زندگي گهاري رهيا آهن: سمير ٻير

ڪراچي اوير(ن پاڪ) ڪراچي سچل ڳوٺ ۾ پاڻي جي ڪوٽ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ بجلي گئس جي لوڊ لوڊ اعلانيل لوڊ شيڊنگ ۽ بدامنيءَ ۽/ڏسو صفحو 2 بقايا 33

پاڻي ڏيو
بجلي ڏيو
گئس ڏيو
جيئڻ جو حق ڏيو
پرامن احتجاج
پاران: سچل فرينڊس ايسوسيئشن

ڪراچي اوير: سچل فرينڊ ايسوسيئشن پاران مسئلن جي حل لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

اڏام پاڪستان تحت بيت المال پاڪستان جي تعاون سان سکر سينٽرل جيل ون ۾ قيدين ۽ اهلڪارن لاءِ افطار جو اهتمام ڪيو ويو

سکر(بيورو رپورٽ) وزيراعظم پاڪستان ميان محمد /ڏسو صفحو 2 بقايا 34

بدين ۾ پوليس ڌوهن تي ضابطو نه آندو، وڌيڪ هڪ موٽرسائيڪل چوري

بدين(ٻر) بدين ماڊل ۽ سٽي ٿاڻي جي پوليس آفيسرن جي نااهلي عروج تي شهر ۾ وڌيڪ هڪ موٽر /ڏسو صفحو 2 بقايا 35

ميهڙ پوليس جي ڳوٺ تي چڙهائي، مزاحمت، ايس ايڇ او جا ڪپڙا ليڙون ليڙون، اهلڪارن کان هٿيار به ڦر

ميهڙ پوليس ناري سويرا خاصخيلي جي بازيابي لاءِ ڳوٺ گاهي خان سيلرا تي چڙهائي ڪئي، ٻه ڳوٺاڻا پڻ زخمي

ڳوٺاڻن پاران مزاحمت ڪئي وئي ايس ايڇ او محسن جا ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿي ويا، اهلڪارن کان هٿيار به کسي ورتا

ڳوٺاڻن جو پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو، عورتن تي تشدد ۽ گهران سامان کڻي وڃڻ جا به الزام

فريدآباد (رپورٽ سڪندر علي بروهي) ميهڙ جي نوجوان ناري سويرا خاصخيلي جي بازيابي لاءِ ميهڙ پوليس جي فريدآباد ويجهو ڳوٺ گاهي خان سيلرا ۾ خاصخيلي برادري جي گهرن تي چڙهائي ڪئي. سرچ آپريشن. گهرن ۾ ڌاڙيلن/ڏسو صفحو 3 بقايا 1

شڪارپور لڳ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مبينا مقابلو، هڪ ڌاڙيل مارجي ويو

ڳاهيجا پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلي دوران هڪ ڌاڙيل مارجي ويو آهي: ايس ايس پي

مارجي ويل ڌاڙيل جي سڃاڻپ سهڻو عرف پپو پٽ علي انور ڪلهوڙو طور ٿي آهي

شڪارپور (رپورٽ مير امتياز علي مري) ڳاهيجا پوليس جو ڌوهارين سان مقابلو پوليس مقابلي دوران مارجي ويل ڌاڙيل جي سڃاڻپ سهڻو /ڏسو صفحو 3 بقايا 3

مڪلي ۾ عوامي تحريڪ جو اجلاس، سياسي صورتحال جو جائزو ورتو ويو، اهم فيصلا ڪيا ويا

غلام الله (رپورٽ پيرل پياسي) عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جو اجلاس رزاق چانڊيو جي صدارت هيٺ /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

فريد آباد: پوليس تشدد ۾ زخمي ٿيل ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

چوٽياريون ۾ پورهيتن جو باٿر پاران پيتو وٺڻ خلاف احتجاج

رضا محمد راڄڙ پيتو نه ڏيڻ تي جيئڻ حرام ڪيو آهي: ايم ماڇي

ڪوڙا ڪيس ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي پيو، انصاف ڪيو وڃي: احمد ماڇي

چوٽياريون(رپورٽ سيد لعل خان شاهه) چوٽياريون مان پاڻ کي صحافي سڏائيندڙ رضا محمد راڄڙ غريب ڪانيون ڪندڙ پورهيتن جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

جسقم شڪارپور ضلعي پاران درياهه تي قبضي خلاف احتجاجي ڪئمپ قائم

لکي غلام شاهه مين سير شڪارپور روڊ تي ميان عبدالسميع بلالي ۾ احتجاج ٿيو

درياهه سنڌ جي بقا جو مسئلو آهي، قبضو ڪرڻ هر گز نه ڏينداسين: عبدالسميع بلالي

حڪمرانن کي سنڌ دشمن فيصلا هر صورت ۾ واپس وٺڻا پوندا: اڳواڻن جو خطاب

شڪارپور(رپورٽ امتياز علي مري)جيئي سنڌ قومي محاذ ضلع شڪارپور طرفان سنڌو تي ٺهندڙ 6/ڏسو صفحو 3 بقايا 5

بدين: قلم ڌڻي ساٿي جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

ڪينال سنڌي قوم کي ڪنهن به صورت ۾ منظور نه آهن رت جي آخري ڦڙي لاءِ جنگ جوٽي ويندي: اعجاز ملڪاڻي

دادو ۾ پريا ڪماري جي بازيابي ۽ نوان ڪئنالن خلاف اعجاز ملڪاڻي، سڪندر ڪوڪر جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سنڌ حڪومت پريا کي بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي جوڙيل جي آئي ٽي به بااثرن آڏو بيوس بڻيل آهي: سڪندر

ڪئنالن جو فيصلو واپس وٺي، پريا ۽ نويد لاشاري کي بازياب ڪرائي پيدا ٿيل بيچيني مان جند آجي ڪرائي وڃي: عرفان پنهور

دادو(ڊ ر) پريا ڪماري جي بازيابي ۽ سنڌو درياهه تي/ڏسو صفحو 2 بقايا 9

ننڍا ٻار آهن، امڙ گهر مان بيدخل ڪرڻ چاهي ٿي: سجاول واسي

امڙ ڳالهيون نه مڃڻ تي پوليس هٿان گرفتار ڪرائي ڌمڪايو: عبدالحميد ميمڻ

عبدالحميد ميمڻ ويڪيوٽ آهي، ڏير کان ورتو هو، هو پاڻ الڳ ٿيڻ چاهي ٿو: امينه ميمڻ

سجاول (رپورٽر) سجاول جي نوجوان عبدالحميد عرف پنهون ميمڻ گذريل ڏينهن نيشنل پريس ڪلب سجاول ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي/ڏسو صفحو 2 بقايا 11

لاڙڪاڻي ۾ گولڊن فرينڊس گروپ پاران ساٿين جي مان ۾ افطار جو اهتمام

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ گولڊن فرينڊس گروپ /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

سجاول: صحافي امداد پناڻ اسپتال ۾ علاج هيٺ آهي

سجاول جو ناليوارو شاعر ۽ صحافي امداد پناڻ بيماري سبب اسپتال داخل

پريس ڪلب جي صدر جي اچانڪ صحت خراب ٿي پئي، ڪراچي منتقل

صحافي برادري ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانيل، سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ جو مطالبو

سجاول(رپورٽر) سجاول جو ناليوارو شاعر ۽ صحافي امداد پناڻ بيماري سبب اسپتال داخل، ثقافت، اطلاعات کاتي سميت چونڊيل نمائندن سار/ڏسو صفحو 2 بقايا 12

راٽيپور ۾ واڙٽي برادري جي عورتن پاران پاڪ ڪتاب کڻي قتل ڪيس داخل نه ٿيڻ تي ڌرڻو

ملوڪ جو قتل ڪيس داخل نه ٿيڻ تي عورتون قومي شاهراهه دستگير گيٽ اڳيان ڌرڻو هڻي ويهي رهيون

اسان جي همراهه کي بي گناهه قتل ڪيو ويو، پوليس خاطري ڏيڻ باوجود تدارڪ ناهي ڪيو: عورتون

ايس ايڇ او جون مظاهرين سان ڳالهيون ڪامياب، 8 سڃاتل ۽ 4 اڻسڃاتلن خلاف ڪيس داخل ڪيو

راٽيپور(رپورٽر) راٽي پور لڳ ڳوٺ وڏا واڙٽي ۾ واڙٽي برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار دوران قتل ٿي ويل 45 ساله ملوڪ واڙٽي جي قتل جو ڪيس پوليس پاران داخل نه ڪرڻ خلاف واڙٽي برادريءَ جون عورتن پاڪ ڪتاب/ڏسو صفحو 2 بقايا 13

ڪراچي واسڻ ڄامشوري واسي سان پسند پرڻو ڪري ڇڏيو، تحفظ جو مطالبو

مٽياري (شهمير ميمڻ) ڪراچي شهر جي بلوچ ڪالوني جي رهواسڻ طلاق يافتا ناري مسمات نازش ولد لکانو شبير حسين بلوچ پنهنجي پريمي/ڏسو صفحو 2 بقايا 14

ڪئنالن خلاف عوام سان هر جدوجهد ۾ گڏ آهيون: پير غلام مجدد سرهندي

مٽياري پريس ڪلب پاران اعلانيل احتجاج جي ڀرپور حمايت ڪيون ٿا

عوام دشمن فيصلن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين

مٽياري (رپورٽ شهمير ميمڻ)سنڌو درياءَ تي تڪراري ڪئنالن/ڏسو صفحو 2 بقايا 15

جي يو آءِ سنڌ پاران درياهه تي ڪينالن جي غير قانوني تعمير خلاف لانگ مارچ جو اعلان

ڪئنالن معاملي تي وڪيلن ۽ شاگردن سان گڏ آهيون: راشد محمود سومرو

جي يو آءِ سنڌ پاران جيڪب آباد کان ڪراچي تائين لانگ مارچ جي تياري ڪري رهي آهي

سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ سبب عوام جو جيئڻ مشڪل ٿي ويو آهي، شهري خوف ۾ آهن:سکر ۾ ڳالهيون

سکر(رپورٽ:شڪيل عاجز) جي يو آءِ سنڌ جو سنڌو /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

بدين لڳ ٽرڪول روڊ تي موبائل فون ٽاور تان بيٽريون چوري ڪندي ٻه ڄڻا سوگها

بدين(ٻر) بدين ڀرسان ٽرڪول روڊ تي مراداڻي اسٽاپ وٽ موبائل فون ڪمپني زونگ جي ٽاور ۾ لڳل /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

ڪنڊيارو انتظاميا رمضان آرڊيننس تي عمل ڪرائڻ ۾ ناڪام

شهر جي مختلف هنڌن تي هوٽل ۽ ٻيا کاڌي پيتي جا اسٽال کليل

سياسي سماجي ڌرين ۾ ڳڻتي، فورن ڪارروائي ڪرڻ جي اپيل

ڪنڊيارو (آزاد گوپانگ)ڪنڊيارو ۾ احترام ماهه رمضان المبارڪ آرڊيننس جي خلاف ورزي ڪندي ڏينهن جو به عوامي هنڌن تي هوٽلون کوليون/ڏسو صفحو 2 بقايا 18

ڪنڊيارو: سرعام رمضان آرڊيننس جي ڀڃڪڙي سبب شهر ۾ هوٽل کليل نظر اچي رهيا آهن

سنگرار ۽ ڀرپاسي بدامني، ميونسپل ملازم کان موٽرسائيڪل ۽ موبائيل ڦر

ٽن هٿيار بندن ڍنڍي واسي عبدالڪريم مهر کي روڪي يرغمال بڻائي ڦر ڪئي

حد جي پوليس کي بروقت اطلاع ڏيڻ باوجود نه پهتي، تدارڪ ڪيو وڃي: متاثر شخص

سنگرار(ن پاڪ)سنگرار صالح پٽ روڊ تان ميونسپل ملازم کان موٽرسائيڪل موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦر، سنگرار پوليس اطلاع باوجود جاءِ /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

دعوت اسلامي وفد پاران پرياسٽي پريس ڪلب جي نئين باڊي کي مبارڪون

ڀلاري مهيني ۾ تقوي ۽ پرهيزگاري جو درس ملي ٿو: محمد افضل قادري

دعوت اسلامي سڄي دنيا ۾ دين جا ڪم ڪري رهي آهي: امير جو خطاب

پرياسٽي (ن پاڪ) پرياسٽي دعوت اسلامي جي وفد ڊاڪٽر محمد افضل قادري ڊاڪٽر محمد اسلم راجپوت آصف علي ميمڻ احمد رضا ميمڻ محمد،/ڏسو صفحو 2 بقايا 24

دادو ۾ واپاري کان ڦر، مزاحمت تي زخمي، هڪ ڦورو گرفتار، احتجاج

سبزي منڊي واپاري امير پنڀر کي هٿيار بندن روڪي ڦر جي ڪوشش ڪئي

ڦورو جي سڃاڻپ اسد شاهاڻي طور ٿي، شهر ۾ بدامني وڌي وئي آهي: واپارين جي ڏاهن

دادو (ڊ ر) دادو ۾ بدامني تي ضابطو نه آيو اي سيڪشن ٿاڻي جي حد سبزي منڊي جي واپاري امير پنڀر کان ڦر جي ڪوشش دوران مزاحمت تي هٿيار/ڏسو صفحو 2 بقايا 23

دادو: واپاري ۽ شهري بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

دادو عدالت ٻاهران جهيڙي جو ڪيس 20 سڃاتل ۽ 5 اڻسڃاتل تي داخل

اي سيڪشن ٿاڻي تي پنڀر برادري جي 20 ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪيس داخل ٿيڻ ڪانپوءِ گرفتاري نه ٿي، هڪ ڏينهن اڳ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿيو هو

دادو (ڊ ر) دادو ۾ گذريل ڏينهن عدالت ٻاهران فائرنگ ۽ جهيڙي واري معاملي جو دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي تي پنڀر برادري جي 20 سڃاتل ۽ 5/ڏسو صفحو 2 بقايا 22

اسسٽنٽ مختيارڪار پاران ڏي ڪي مري شهر جو دورو، ريٽ لسٽون چيڪ، ڏنڊ

قادر داد مري جي اڳواڻي ۾ جوڙيل ٽيم عام واهپي واري شين جا اگهه معلوم ڪيا

منافعي خورن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي: اسسٽنٽ مختيارڪار

دريا خان مري (ن پاڪ) دريا خان مري ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار قادر داد مري جي اڳواڻي ۾ جوڙيل ٽيم پاران شهر جي مين بازار چانڊني /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

چوهڙ جمالي ۾ پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي اميدوارن جو احتجاج

ڪيترائي اسڪول بند پيل ۽ ڪيتريون سيٽون خالي پيل آهن: آدرش اقبال

آفر آرڊر ڏئي نوجوانن ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي :سجاد علي

چوهڙجمالي(ن پاڪ) پي ايس ٽي - جي ايس ٽي 33/39 مارڪون کڻندڙ تعلقي شاهبندر جي اميدوارن سجاد علي ساجدي. آدرش اقبال ڪٽي ۽ ٻين جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 20

سکر جي بازارن جي رونق بحال، خريدارن جي رش

مارڪيٽن مشن روڊ غريب آباد ، شاهي بازار ، مهراڻ مرڪز ۾ ماڻهن جي پيهه

دڪاندارن جي چهري تي رونق موٽي آئي، عوام پاران مهانگائي جون به دانهون

سکر(بيورو رپورٽ) سکر شهر ۾ رمضان المبارڪ جو پهريون ڏهاڪو شروع ، عيد خريداري عروج تي پهچي وئي ، واپاري مرڪزن جي رونق بحال ٿي/ڏسو صفحو 2 بقايا 19

غوثپور لڳ اوڳاهي .نصيراڻي تڪرار ڀڙڪي پيو، هڪ ٻئي تي فائرنگ، 5 ڍور مري ويا

نصيراڻي برادري جي هٿيار بندن نور حسن ۽ مير حسن اوڳاهي جي اوطاق تي ڪاهه ڪري چوپايو مال ڪاهڻ جي ڪوشش ڪئي

ٻنهي ڌرين هڪٻئي تي جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪئي، گولين لڳڻ سبب پنج ڍور مري ويا

اطلاع باوجود حد جي پوليس واقعي واري هنڌ نه پهتي، رتوڇاڻ وڌڻ جو خدشو، علائقي واسين ۾ ڏهڪاءُ

ڪنڌڪوٽ (ن پاڪ)غوثپور جي ڪچي جي ڍنڍي واري /ڏسو صفحو 3 بقايا 7

عورتن جو عالمي ڏهاڙو“ سماجي تنظيمن پاران پوسي سطح تي ملهايو ويو، ٽيبلوز، تقريرون

مردن جيان عورتن کي به برابري بنياد تي حق ملڻ گهرجن: اڳواڻ

اڄ خبر پئي ته عورتن جو به عالمي ڏينهن هوندو آهي: ثمينا خاصخيلي ۽ ٻين جو خطاب

سانگهڙ(رپورٽ آفتاب مري) 8 مارچ عورتن جو عالمي ڏهاڙو واچ ڳوٺ مهراڻ منگريو يونين ڪونسل روڻجهو تعلقو کپرو ضلعو سانگهڙ ۾ انڊس ڪميونٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا 9

سانگهڙ: عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان سماجي تنظيمن پاران ڪوٺايل پروگرام

پ پ هميشه عوامي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي: زبير ڀيو

پيپلز ليبر بيورو هميشه عوام جي خدمت ۾ پيش پيش رهيو آهي

ڀلاري مهيني ۾ جيترو ٿي سگهي غريبن جي مدد ڪئي وڃي: افطار پارٽي کي خطاب

سکر (بيورو رپورٽ) زبير احمد ڀيو پاران پيپلز ليبر بيورو سکر جي دوستن لاءِ افطار پارٽي جو اهتمام ان سلسلي ۾ پيپلز ليبر بيورو سکر جي نائب/ڏسو صفحو 3 بقايا 10

ڪنڊيارو ۾ چاٻي چور موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار

ڪنڊيارو(ن پاڪ) ڪنڊيارو ۾ چاٻي چور موٽرسائيڪل/ڏسو صفحو 3 بقايا 8

راٽيپور ۾ وڪيلن، شاگردن ۽ قومپرستن جي ڪئنالن خلاف ريلي

ريلي جي اڳواڻي اڪبر شاهاڻي، امجد مهيسر، اياز ڪورائي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا

سازش تحت سنڌو نديءَ جو پاڻي ڦٻائڻ لاءِ ڇهن ڪئنالن جي اڏاوت جو منصوبو جوڙيو ويو آهي: اياز ڪورائي

سنڌو درياءَ اسان جي جياپي جو سهارو آهي، ڪنهن به صورت ۾ نوان غير قانوني ڪينال قبول نه آهن:اڪبر شاهاڻي

راٽيپور(رپورٽر) راٽي پور سنڌو درياهه تي ڇهه ڪئنال ڪڍڻ خلاف مختلف قومپرست پارٽين، سياسي سماجي، وڪيل ۽ صحافين پاران ٽول پلازا راٽيپور کان هزارين ماڻهن جي ريلي ڪڍي وئي، ريلي 2 ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

شهدادپور ۾ حساس ادارن جي ڪارروائي وارو معاملو، 20 ڄڻن تي الڳ الڳ ڪيس داخل

پوليس 3 ڄڻن تي هٿيار رهت اچڻ تي الڳ الڳ ايف آئي آر داخل ڪري ڇڏي، بروهي اتحاد طرفان مذمت

سردار امير بخش بروهي، غلام علي بروهي، آفتاب بروهي، فاروق بروهي ٻين کي ڪيس ۾ نامزد ڪيو ويو

پوليس گرفتار ٿيلن جي رمانڊ لاءِ ڪين سيشن جج سانگهڙ ڪٽي وئي، معاملي جي جاچ ڪرائي وڃي: بروهي اتحاد

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شهدادپور ويجهو ڳوٺ پڳڙو باغ ۾ حساس ادارن ۽ پوليس جي گڏيل ڪارروائي ڪانپوءِ شهدادپور پوليس سرڪار جي فرياد تي 20 ڄڻن مٿان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو پوليس پاران گرفتار ڪيل هر هڪ جنهن ۾ سردار امير بخش بروهي، غلام علي بروهي، آفتاب بروهي، فاروق بروهي ڪانسواءِ عديل ولد مير محمد، غلام /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

ڳوٺ ٻلال شريف جو اسڪول انيڪ مسئلن جو شڪار، عمارت به ڪنڊر بڻيل

2016 کان اسڪول جي عمارت زبون حال، فرنيچر ۽ صاف پاڻي جي سخت ڪوٽ

معصوم ٻارڙا کليل آسمان هيٺ ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور، اختياريون سُتل

چونڊيل نمائندن کي درخواستون ڏيڻ جي باوجود مسئلو حل ناهي ٿيو: رهواسي

بلڙي شاهه ڪريم (رپوٽ علي ڏنو رند)بلڙي شاهه ڪريم لڳ مُلاڪاتيار جي ڳوٺ ٻلال شريف جو اسڪول زبون حال معصوم شاگرد تعليم کان محروم مُلاڪاتيار جي ڳوٺ ٻلال شريف ۾ موجود سرڪاري اسڪول زبون حالي جو شڪار /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

بلڙي شاهه ڪريم : ڳوٺ ٻلال شريف جو اسڪول پوٽ بنگلي جو ڏيک ڏئي رهيو آهي

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سمر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي-آر-آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي